

# اجتماع ميلاد

(ٻارنھين رات) جو بيان

## شانِ مُصطَفٰي بزبانِ انبيا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

# شانِ مصطفٰي بزبانِ انبياءَ

اَلصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُولَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَـوَيتُ سُنَّتَ الاِعتِكاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## درود شريف جي فضيلت

رسولِ مقبول، جانِ ڪائنات، شاهِ موجودات، شفيعِ عاصيان، وڪيلِ مُجرمان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي: جنهن مون تي هڪ ڀيرو دُرُودِ پاڪ پڙهيو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان تي ڏهه (10) رَحمتون نازِل فرمائيندو آهي ۽ جيڪو مون تي ڏهه (10) ڀيرا دُرُودِ پاڪ پڙهي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان تي سو (100) رحمتون نازل ڪندو آهي ۽ جيڪو مون تي سو (100) ڀيرا دُرُودِ پاڪ پڙهي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکندو آهي تہ هي نِفاق ۽ جهنَّم جي باهہ کان آزاد آهي ۽ ان کي قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو. (معجم اوسط:۲۵۲/۵، حديث:۷۲۳۵، ضيائے درود و سلام، ص: ۳)

پڑھو سلام کرو ڈُوب کر محبّت میں
دُرودِ پاک کی کثرت نبی کی آمد ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ.يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي. [1]

**ٻه مدني گُل:** 1 بنا سٺي نيت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
2 جيتريون سنيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجهه سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا ڀيجي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشادي ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهورڻ، جهڻڪڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

www.dawateislami.net

# شان و شوڪت واري عظيم رات!

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اڄ 1438سنِ هجري جي ربيعُ الاول جي ٻارهين رات آهي، الله تبارڪ وتعاليٰ جو لک لک شڪر آهي جنهن اسان کي هڪ دفعو ٻيهر عظيمُ الشان فضيلتن ۽ برڪتن ڀري مُقدّس رات نصيب فرمائي، هي اها عظيم رات آهي جو جنهن ۾ محبوبِ ربّ، سلطانِ عرب، رسولِ اڪرم، نورِ مجسّم، شاهِ بني آدم، نبي محتشم، شاهِ عرب و عجم، شافعِ اُمم، سراپا جُود و ڪرم، دافعِ رَنج و اَلَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن دنيا ۾ جلوه گر ٿيا. اها عظيم رات جيڪا شبِ قدر کان ٻه افضل آهي، اها عظيم رات جنهن ۾ مڪانِ آمِنہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهَا مان اهو عظيم نور چمڪيو جنهن سان اولهه ۽ اوڀر روشن ٿي ويو. اها عظيم رات جنهن ۾ حڪمِ خداوندي سان ملائڪن جا آقا جبرئيلِ امين عَلَيهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام اولهه اوڀر ۽ خانہ ڪعبہ تي جهنڊو لڳايو. اها عظيم رات آهي جو جنهن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تشريف آوري تي اِيران جي بادشاهه ڪسريٰ جي محل تي زلزلو آيو ۽ اِيران جو هڪ هزار سال کان ٻرندڙ آتش ڪده وسامي ويو.

بُجھ گئیں جس کے آگے سبھی مشعلیں
شمع وہ لے کر آیا ہمارا نبی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اڄ اها عظيم نوراني، جڳمڳ ڪندڙ رات آهي جو هن ۾ الله تعاليٰ جي حڪم سان آسمان ۽ جنّت جا دروازا کوليا ويا هئا، هي اها عظيم نوراني رات آهي جو جنهن جي برڪت سان هُن سال دنيا جي تمام عورتن کي اولادِ نرينہ يعني پٽ عطا ڪيا ويا.

www.dawateislami.net

اج جي هن عظيم نوراني رات ۾ حضرت سيدتنا آمنہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهَا جي گلشن جي مهڪندڙ گل، رسولِ مقبول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۽ عظمت جو مبارڪ ذڪر ڪندا ۽ ٻڌنداسين، شانِ مصطفي ۽ يادِ مصطفيٰ ۾ نعتون پڙهنداسين، مرحبا يامصطفيٰ جا نعرا لڳائينداسين ۽ پنهنجي خالي دامن کي رحمتن ۽ برڪتن سان پريناسين. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

اسان جي آقا ۽ مولي، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي الله عَزَّوَجَلَّ سمورين بهترين وصفن سان مزين فرمايو آهي ۽ هر عيب کان پاڪ پيدا ڪيو، ڪيئي زمانہ آيا ۽ گُذري ويا پر اج تائين اهڙي شان وشوڪت، عزت ۽ رُتبي وارو ڪو آيو آهي نہ ايندو. اج جي بيان ۾ اسان انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جي زباني سندن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۽ عظمت جي باري ۾ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. اچو! اعليٰ حضرت، امام عشق ومحبت مولانا شاه امام احمد رضاخان رَحْمَةُاللهِتَعَالٰيعَلَيه جو نهايت ئي پيارو شعر ٻڌون ٿا.

تِرے خُلق کو حق نے عظیم کہا تِری خِلق کو حق نے جمیل کیا
کوئی تجھ سا ہوا ہے نہ ہو گا شہا ترے خالقِ حُسن واَدا کی قسم

شعر جي وضاحت: اي منهنجا رحمت وارا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! الله عَزَّوَجَلَّ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خُلقِ مُبارڪ (يعني اَخلاق) کي عظيم (تمام وڏو) قَرار ڏنو آهي ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وِلادَتِ باسعادت هزارين سَعادَتون ۽ برڪتون ڪٺي آئي آهي، اهڙي نرالي ۽ حَسِين ڪنهن جي پيدائش نہ ٿي. منهنجا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! ڀلا پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيان ڪير ٿي سگهي ٿو؟ ها ها! زمين ۽ آسمان جي پيدا ڪرڻ واري جو قسم آهي"اوهان جهڙو نہ ڪو آهي ئي نہ"

(شرحِ حدائقِ بخشش،ص:226)

www.dawateislami.net

اسان غريبن جي آقا و موليٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شان ڪيترو عظيم آهي؟ توجهه سان ٻڌنداسين ۽ سمجهنداسين تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هن نوراني رات جون خوب خوب برڪتون ۽ رحمتون حاصل ٿينديون.

اچو! بيان کان پهريان عاشقِ ماهِ ميلاد ۽ عاشقِ ماهِ رِسالت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادِري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي عطا ڪيل نعرن سان هن نوراني رات جو اِستقبال ڪيون ٿا، ٿي سگهي تہ مدني پرچم بلند ڪري وڏي جوش ۽ جذبي، محبت ۽ عقيدت سان مرحبا يا مصطفيٰ جي ڌوم مچايو.

سرڪار جي آمد...مرحبا، سردار جي آمد ...مرحبا، آمنه جي پياري جي آمد ...مرحبا، رسولِ مقبول جي آمد ...مرحبا، پياري جي آمد ...مرحبا، سٺي جي آمد ... مرحبا، سچي جي آمد ...مرحبا، سهڻي جي آمد ...مرحبا، دلبر جي آمد ...مرحبا.. مرحبا، مُختار جي آمد ...مرحبا، مُختار جي آمد ...مرحبا، مُختار جي آمد ...مرحبا

مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## شانِ مُصطَفٰي بزبانِ ڪليم اللّٰه

نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جڏهن حضرت موسيٰ عَلَيهِ السَّلَام تي تورات نازِل ٿيو ۽ پاڻ عَلَيهِ السَّلَام ان کي پڙهيو تہ ان ۾ هڪ اُمَّت جو ذڪر ڏسي چوڻ لڳا. يا ربّ (عَزَّوَجَلَّ)! مون تورات ۾ هڪ اهڙي اُمَّت جو تذڪرو پڙهيو آهي، جيڪا سيني کان آخر ۾ ايندي ۽ سيني کان سبقت کڻي ويندي، اي منهنجا مالڪ (عَزَّوَجَلَّ): تون ان اُمَّت کي منهنجي اُمَّت بڻاءِ! تہ الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمايو: تِلْكَ اُمَّةُ اَحْمَدَ يعني اها تہ احمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي اُمَّت

آهي.“ حضرت موسيٰ عَلَيه السَّلام عرض ڪيو: اي منهنجا پروردگار (عَزَّوَجَلَّ) ! مون تورات ۾ هڪ اهڙي اُمَّت جو تذڪرو پڙهيو جيڪا خدا (عَزَّوَجَلَّ) کي پُڪاريندي ۽ انهن جون دعائون قبول ٿينديون، ان امّت کي منهنجي اُمّت بڻائي ڇڏ ته الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمايو: تِلْكَ اُمَّةُ اَحْمَدْ يعني اها ته احمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي اُمَّت آهي، حضرت موسيٰ عَلَيه السَّلام عرض ڪيو، اي مالڪ (عَزَّ وَجَلَّ)! مون تورات ۾ هڪ اهڙي اُمَّت جو تذڪرو پڙهيو، جنهن جو ڪتاب انهن جي سينن ۾ محفوظ هوندو ۽ اهي ان کي زباني تلاوت ڪندا، جيئن ته اڳوڻن ماڻهن کي پنهنجا آسماني ڪتاب زباني ياد نه ٿيندا ها، اهي ان کي ڏسي پڙهندا ها، ته عرض ڪيو: ان امّت کي منهنجي اُمَّت بڻائي ڇڏ، الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمايو: تِلْكَ اُمَّةُ اَحْمَدَ، اها ته احمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي امت آهي، حضرت موسيٰ عَلَيه السَّلام جن عرض ڪيو: اي منهنجا مالڪ (عَزَّوَجَلَّ)! مون تورات ۾ هڪ اهڙي امّت جو تذڪرو پڙهيو جو اها پنهنجي ئي رشتيدارن کي صدقو ڏيندي، ۽ ان تي به انهن کي اجر ڏنو ويندو، ان امّت کي منهنجي اُمَّت بڻائي ڇڏ، الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمايو: تِلْكَ اُمَّةُ اَحْمَدَ يعني اها ته احمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي اُمَّت آهي. حضرت موسيٰ عَلَيه السَّلام عرض ڪيو: اي منهنجا پروردگار(عَزَّ وَجَلَّ)! مون تورات ۾ هڪ اهڙي اُمَّت جو تذڪرو پڙهيو جو ان جو ڪو فرد نيڪي جو اِرادو ڪندو ته صرف اِرادو ڪرڻ تي ئي ان کي هڪ نيڪيءَ جو ثواب عطا ڪيو ويندو ۽ جيڪڏهن اهو ان نيڪي کي ڪري وٺي ته ان کي ڏهه (10) نيڪين جو ثواب ڏنو ويندو، اي منهنجا مالڪ (عَزَّوَجَلَّ): ان اُمَّت کي منهنجي اُمّت بڻائي ڇڏ، الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمايو: تِلْكَ اُمَّةُ اَحْمَدَ يعني اها به احمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي اُمَّت آهي. حضرت موسيٰ عَلَيه السَّلام عرض ڪيو، اي منهنجا رَبّ (عَزَّ وَجَلَّ)! مون تورات ۾ هڪ

www.dawateislami.net

اهڙي اُمّت جو تذڪرو پڙهيو جو جڏهن ان جو ڪو فرد گُناهه جو ارادو ڪندو تہ گُناهہ نہ لکيو ويندو ۽ جيڪڏهن گُناهہ ڪري وٺندو تہ صرف هڪ گُناهہ لکيو ويندو تہ اي منهنجا مالڪ (عَزَّوَجَلَّ): ان اُمّت کي منهنجي اُمَّت بڻائي ڇڏ تہ الله عَزَّوَجَلَّ فرمايو: تِلْكَ اُمَّةُ اَحۡمَدَ يعني هي بہ احمد (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي اُمت آهي، حضرت سيدنا موسيٰ ڪليم الله عَلَيه السَّلَام جن عرض ڪيو: اي منهنجا رَبّ (عَزَّوَجَلَّ) مون تورات ۾ هڪ اهڙي اُمّت جو تذڪرو پڙهيو جو جنهن کي اڳوڻن بعد وارن جو علم عطا ٿيندو ۽ هو گمراهي کي ختم ڪندا ۽ دَجّال کي قتل ڪندا، پروردگار! (عَزَّوَجَلَّ) ان اُمَّت کي منهنجي اُمَّت بڻاءِ، الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمايو: تِلْكَ اُمَّةُ اَحۡمَدَ اها تہ احمد (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي اُمّت آهي. تہ موسيٰ عَلَيه السَّلَام عرض ڪيو: پوءِ مون کي اُمّتِ احمد مان ڪر، ان دُعا تي خدا تعاليٰ حضرت موسيٰ عَلَيه السَّلَام کي بہ خُصُوصيتن کان نوازيندي فرمايو، اي موسيٰ مون تو کي پنهنجي پيغامِ (رسالت) ۽ پنهنجي ڪلام جي لاءِ چُونديو آهي، ۽ جيڪو ڪجهہ آئون تو کي ڏئي رهيو آهيان ان کي وٺي ڇڏيو ۽ شُڪر گذارن مان ٿيو، ان ارشاد تي حضرت موسيٰ عَلَيه السَّلَام عرض ڪيو، اي رَبّ (عَزَّوَجَلَّ) آئون راضي ٿي ويس.

(دلائل النبوة لابي نعيم،الفصل الرابع:ذكر الفضيلة...الخ،ص٣٣،حديث:٣١ )

اهڙي طرح هڪ حديثِ قدسي ۾ آهي تہ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: الله تعاليٰ حضرت موسيٰ ڪليمُ الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي وحي موڪلي تہ بني اسرائيل کي خبر ڏيو تہ جيڪو احمد (يعني نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي نہ مڃيندو ان کي دوزخ ۾ وجهندس. عرض ڪيائون: اي منهنجا رَبّ (عَزَّوَجَلَّ)! احمد (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ڪير آهي؟ فرمايو: مون ڪا مخلوق ان کان وڌيڪ پنهنجي بارگاهہ ۾ عزّت واري نہ بڻائي، مون آسمان ۽ زمين جي پيدائش کان پهريان هن جو نالو پنهنجي نالي سان گڏ عرش تي لکيو، ۽ جيستائين هو ۽ ان جي

أمَّت جنّت ۾ داخل نہ ٿئي، ان وقت تائين تمام مخلوق تي جنت کي حرام ڪيو. عرض ڪيائون: اِلٰهي! اُن جي اُمَّت ڪير آهي؟ فرمايو: اها وڏي حمد ڪرڻ واري آهي. جڏهن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان اُمَّتِ محبوب جون وڏيڪ خوبيون ارشاد فرمايون، تہ حضرت موسي عَلَيه السَّلَام عرض ڪيو: يا اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ ! مون کي ان اُمَّت جو نبي بڻاءِ. اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ فرمايو: انهن جو نبي انهن مان ٿيندو. عرض ڪيائين: الٰهي مون کي هن نبي جو اُمَّتي بڻاءِ. فرمايو: توهان زماني ۾ هن کان پهريان ۽ هو بعد ۾ آهي، پر هميشہ رهڻ واري گهر (يعني جنت) ۾ تو کي ۽ ان کي گڏ ڪندس. (خصائص ڪبريٰ،باب ذکر ه في التوارة والانجيل ...الخ، ١ /٢٣)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** سُبْحٰنَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ! اوهان ڏٺو تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ مُصطَفيٰ جانِ رحمت،شمعِ بزمِ هدايت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اُمَّت کي ڪهڙي شان ۽ شوڪت سان نوازيو جو سيني اُمَّتن مان سيني کان آخر ۾ آئي پر قدر و منزلت ۽ فضيلت ۾ سيني تي سَبقَت کڻي وئي، ائين جو صرف نيڪي جو ارادو ڪرڻ تي ئي هڪ نيڪي جو ثواب ملي ويندو آهي ۽ گُناه جو اِرادو ڪرڻ تي گُناه لکيو ناهي ويندو، جيڪڏهن ڪو نيڪ عمل ڪري تہ ان جو ثواب ڏه ڀيرا وڌيڪ ملندو آهي جڏهن تہ گناه جي اِرتڪاب (خطا ڪاريءَ) تي صرف هڪ ئي گُناه لکيو ويندو آهي، جڏهن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي پياري نبي حضرت سَيِدُنا موسيٰ ڪليم اللّٰه کي اُمتِ محبوب جي فضيلتن ۽ خُصوصيتن جو علم ٿيو تہ پاڻ عَلَيه السَّلَام اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاه ۾ ان اُمَّت کي پنهنجي اُمَّت بڻائڻ جي اِلتجا پيش ڪئي پر جڏهن ان جي اجازت نہ ملي تہ پوءِ پاڻ عَلَيه السَّلَام اُمَّتِ محبوب ۾ شامل ٿيڻ جي درخواست پيش ڪئي. ياد رهي! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي هن اُمَّت کي جيڪي فضيلتون ۽ ڪمال عطا ڪيا آهن، اهي بين اُمَّتن جي حصّي ۾ نہ آيون. جڏهن تہ سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ

www.dawateislami.net

وَاٰلِهٖوَسَلَّم جا ديوانہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي آمد جا ترانا جُهومي جُهومي ٻڌائن ٿا تہ

يہ کس شہنشاہِ والا کی آمد آمد ہے
يہ کون سے شہِ بالا کی آمد آمد ہے
وہ آئے آنے کی جن کے خبر تھی مُدت سے
دُعا خلیل کی عیسیٰ کی جو بشارت تھے
رُسُل انہی کا تو مژدہ سُنانے آئے ہیں
اُنہیں کے آنے کی خُوشیاں منانے آئے ہیں
کتابِ حضرت موسٰی میں وصف ہیں ان کے
کتابِ عیسی میں ان کے افسانےآئے ہیں

سرڪار جي آمد مرحبا♣سردار جي آمد مرحبا♣سالار جي آمد مرحبا♣مختار جي آمد مرحبا
♣غمخوار جي آمد مرحبا ♣ تاجدار جي آمد مرحبا♣شاندار جي آمد مرحبا♣
مرحبا يا مُصطَفيٰ♣مرحبا يا مُصطَفيٰ♣مرحبا يا مُصطَفيٰ ♣مرحبا يا مُصطَفيٰ

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سَيدُنا موسيٰ ڪليمُ الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلام توريت ۾ اُمّتِ مصطفيٰ جون جيڪي خُصُوصيتون پڙهيون انهن کي ٻڌي ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن جي ذِهن ۾ هي خيال پيدا ٿئي تہ هي تہ اُمَّتِ محبوب جي شان ۽ عظمت کي بيان ڪيو ويو آهي، شانِ مُصطَفٰي کي تہ نہ! تہ ياد رکو! هن اُمَّت کي جيڪا شان و شوڪت، عظمت وفضيلت ۽ خاصيتون نصيب ٿيون اهي حقيقت ۾ نبي مڪرم ،نورِ مجسم، شاهِ آدم وبني آدم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وُجودِ مُعظم جي برڪتن جو ئي تہ صدقو آهي، جيڪڏهن سرڪارِ مڪۂ مڪرمہ، سردارِ مدينۂ منوّره صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تشريف فرما نہ ٿين ها تہ ان دنيا ۾ نہ جنّ ٿين ها نہ انسان، نہ سج هجي ها نہ چنڊ، نہ زمين هجي ها نہ آسمان، نہ جنت ودوزخ هجي ها نہ ئي حُور وغِلمان، نہ لوح وقلم هجي ها نہ عرش وڪرسي، الغرض حُضُورِ پاڪ، صاحبِ لَولاڪ، سياحِ اَفلاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

www.dawateislami.net

جي ذاتِ پاڪ ئي مقصدِ تخليقِ ڪائنات آهي. جيئن تہ حضرت سَيدُنا عبدُاللهِ بن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُما کان روايت آهي:

الله عَزَّوَجَلَّ حضرتِ سيدُنا عيسيٰ رُوحُ الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلام کي وحي موڪلي: اي عيسيٰ! محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ايمان آڻ! ۽ تنهنجي اُمَّت مان جيڪي ماڻهو ان جي زماني ۾ هجن انهن کي بہ حڪم ڪجو تہ ان تي ايمان آڻن "فَلَوْلَامُحَمَّدٌ مَاخَلَقْتُ اٰدَمَ وَلَوْلَامُحَمَّدٌ مَاخَلَقْتُ الْجَنَّةَ وَلَاالنَّارَ" چوتہ جيڪڏهن محمدِ عربي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذاتِ گرامي نہ هجي ها تہ مان نہ آدم کي پيدا ڪيان ها، نہ ئي جنت ۽ دوزخ ٺاهيان ها" جڏهن مون عرش کي پاڻي تي ٺاهيو تہ اهو ان وَقت چُرپُر ڪري رهيو هو مون ان تي "لَآاِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ" لکي ڇڏيو، تہ اهو بيهي رهيو. (خصائص الڪبري،باب خصوصيته بكتابة اسمه الشريف ...الخ ، ١/ ١٤)

زمین و زماں تمہارے لئے مکین و مکاں تمہارے لئے
چُنین و چُناں تمہارے لئے بنے دو جہاں تمہارے لئے

دَہن میں زباں تمہارے لیے بدن میں ہے جاں تمہارے لیے
ہم آئے یہاں تمہارے لیے اُٹھیں بھی وہاں تمہارے لیے

تمہاری چمک تمہاری دمک تمہاری جھلک تمہاری مہک
زمین و فلک سماک و سمک میں سِکّہ نِشاں تمہارے لئے

کلیم و نجی مسیح و صفی خلیل و رضی رسول و نبی
عتیق و وصی غنی و علی ثنا کی زباں تمہارے لیے

یہ شمس و قمر یہ شام و سحر یہ برگ و شجر یہ باغ و ثمر
یہ تیغ و سپر یہ تاج و کمر یہ حکمِ رواں تمہارے لئے

(حدائق بخشش، ص۳۴۸،۳۴۹)

## شعرن جو خلاصو!

اي منهنجا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڪائنات ۽ ان ۾ رهڻ واري سمورين شين کي پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي جي ڪري پيدا ڪيو ويو آهي، اسان جون زبانون، اسان جون زندگيون، اسان جو هن دنيا ۾ اچڻ، سڀ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ

www.dawateislami.net

وَسَلَّم جي ئي ڪرم جو صدقو آهي ۽ محشر جي ڏينهن بہ (اِنْ شَآءَ اللهعَزَّوَجَلَّ) پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ئي شانِ يڪتائي ڏسڻ جي لاءِ اُتنداسين، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چمڪ ڏمڪ، جهلڪ ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خُوشبو (سان سڄو جهان فيضياب ٿي رهيو آهي ۽) زمين هجي يا آسمان، بلندي هجي يا پستي، هر طرف پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ئي شان ۽ عظمت جو ڏؤنڪو وڄي رهيو آهي، (حضرت) موسيٰ عَلَيه السَّلَام هجن يا (حضرت) نُوح عَلَيه السَّلَام ،(حضرت) عيسٰي عَلَيه السَّلَام هجن يا (حضرت) آدم عَلَيه السَّلَام، (حضرت) ابراهيم عَلَيه السَّلَام هجن يا (حضرت) اسمٰعِيل عَلَيه السَّلَام بلڪ هر رسول، نبي ۽ صديق ۽ فاروق، عثمان ۽ علي (رَضِي اللهُ تَعَالٰي عَنْهم) مطلب تہ هر شان واري هستي پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ساراهہ ۽ توصيف جا قصيدا پڙهيا. هي چنڊ ۽ سج، صبح ۽ شام، وڻ ۽ پن، ميوات ۽ باغ، تلوار ۽ ڍال، شاهي تاج سڀ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ئي ڪرم جو صدقو آهي، الغرض پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مقام ايتري قدر بلند ۽ مٿاهون آهي جو سڄي جهان ۾ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ئي حڪم جاري ۽ ساري آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اها ڳالهہ واضح ٿي وئي تہ دنيا جي تمام شين کي وجود جي دولت، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ئي تَوَسُّل ۽ صدقي سان نصيب ٿي، پاڻ ئي اَصلِ ڪائنات ۽ مَنبَعِ موجودات آهن، الله عَزَّ وَجَلَّ تمام اَنبياء ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام ايستائين جو حضرت سَيدُنا آدم عَلٰى نَبِيِّنَاوَعَلَيهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام بلڪ سڄي مخلوق ۽ تمام ڪائنات کان پهريان پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نور کي پنهنجي ڪامل قدرت سان پيدا فرمايو جيئن تہ حديثِ جابر رَضِي اللهُ تَعَالٰي عَنْه آهي : ”اَوَّلُ مَا خَلَقَ اللهُ نُوْرَ نَبِيِّكَ يا جَابِر يعني اي جابر! الله عَزَّ وَجَلَّ سڀ کان پهريان تنهنجي نبي جي نُور کي پيدا فرمايو.“ (ڪشف الخفاء ،حرف الهمزة مع الواو، ١/ ٢٣٧)

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً حُضُور جانِ عالَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ ذات بَشريت سان گڏوگڏ نُور سان بہ معمور آهي. بلڪ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تہ قاسِمِ نور يعني نور ورهائڻ وارا آهن جو جنهن کي چاهين پُرنُور ڪري ڇڏين. حضرتِ سَيدُنا اُسِيد بن اَبي اياس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه اهي خُوش نصيب صحابي آهن جو جن جي چِهري تي مديني جي تاجدار، شَهنشاهِ عالي وقار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ڀيرو هٿ ڦيريو ۽ ان جي سيني تي پنهنجو مبارڪ هٿ رکيو تہ چيو ويندو آهي تہ جڏهن بہ اهي ڪنهن اونداهي واري گهر ۾ داخِل ٿيندا ها تہ اهو گهر روشن ۽ مُنوَّر ٿي ويندو هو. (ڪنز العمال ،ڪتاب الفضائل،باب في فضائل الصحابه،۱۲۳/۷،الجزء الثالث عشر ،حديث:۳٦٨۱۹، الخصائص الکبري،باب الآية في اثريده من الشفاء والبريق...الخ، ۱٤۲/۲)

اچو ! اسان بہ گڏجي ان نور واري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آمد جي ساراهہ ڪيون ٿا، جنهن جي برڪت سان ڪفر ۽ شرڪ جون تمام اونداهيون ختم ٿي ويون ۽ هر طرف نُور ئي نُور ڇانئجي ويو:

عیدِ میلادُالنّبی ہے دل بڑا مسرور ہے
ہر طرف ہے شادمانی رَنج و غم کافُور ہے

اِس طرف جو نُور ہے تو اُس طرف بھی نُور ہے
ذَرّہ ذَرّہ سب جہاں کا نُور سے معمور ہے

آمدِ سرکار سے ظُلمت ہوئی کافُور ہے
کیا زمیں کیا آسماں ہر سمت چھایا نُور ہے

جشنِ میلادُالنّبی ہے کیوں نہ جُھومیں آج ہم
مُسکراتی ہیں بہاریں سب فضا پُر نُور ہے

مل کے دیوانو! پڑھو سارے دُرُود اب جُھوم کر
آج وہ آیا جہاں میں جو سراپا نُور ہے

آمنہ تجھ کو مبارک شاہ کا مِیلاد ہو
تیرا آنگن نُور، تیرا گھر کا گھر سب نُور ہے

(وسائلِ بخشش، ص ۴۸۴،۴۸۳)

سرڪار جي آمد مرحبا♣سردار جي آمد مرحبا♣سالار جي آمد مرحبا♣مختار جي آمد مرحبا
♣غمخوار جي آمد مرحبا ♣ تاجدار جي آمد مرحبا♣شاندار جي آمد مرحبا♣
مرحبا يا مُصطَفيٰ♣مرحبا يا مُصطَفيٰ♣مرحبا يا مُصطَفيٰ ♣مرحبا يا مُصطَفيٰ

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نُور جي پيڪر، تمام نبين جي سرور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي الله عَزَّوَجَلَّ اهڙي شان ۽ عظمت عطا فرمائي آهي جو تمام ئي انبياء ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا قصيدا پڙهن ٿا ۽ پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا فضائل ۽ ڪمال بيان ڪندا آيا آهن، جيئن تہ حضرت سَيدُنا امام بُوصيري پنهنجي مشهور ”قصيده بُرده شريف“ ۾ فرمائن ٿا:

وَكُلُّهُمْ مِّن رَّسُوْلِ اللهِ مُلْتَمِسٌ

غَرْفًا مِّنَ الْبَحْرِ اَوْ رَشْفًا مِّنَ الدِّيَمِ

ترجمو: تمام انبياء ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بحرِ ڪرم مان هڪ چُلّو يا بارش جي هڪ قطري جا طلب گار آهن.

هن باري ۾ اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه جيڪو ارشاد فرمايو، اچو! ان جو خُلاصو ٻڌون ٿا: تمام ئي انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پنهنجي پاڪ مَحفلن ۽ مَجلسن ۾ حضور سَيدُالمرسلين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا فضائل ۽ مَناقب بيان ڪندا ۽ پنهنجي محفلن کي حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي تعريف ۽ توصيف سان مُزين ڪندا ها ۽ پنهنجي اُمّتن کي حضور پُرنُور تي ايمان آڻڻ ۽ پاڻ جي مدد ڪرڻ جو عهد وٺندا ها.

(فتاويٰ رضويه،۳۰/۱۳۵ملخصا)

کلیم و نجی مسیح و صفی خلیل ورضی رسول و نبی عتیق و وصی غنی و علی ثنا کی زباں تمہارے لیے

(حدائق بخشش، ص۳۴۸)

شعر جو خلاصه: حضرت مُوسيٰ عَلَيه السَّلَام هجن يا حضرت نوح عَلَيه السَّلَام، حضرت

آدم عَلَيه السَّلَام هجن يا حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام، حضرت اسماعيل عَلَيه السَّلَام هجن يا ڪوئي بہ نبي ۽ رسول عَلَيه السَّلَام هجي، صديقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه هجن يا فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه يا عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه هجن يا علي المُرتضٰي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجهه الكَرِيم الغرض هر هڪ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ئي ساراهہ ۽ ثنا ۾ مشغول نظر اچي رهيو آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## شانِ مُصطَفٰي بزبانِ آدم صَفِي اللّٰه

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سَيدُنا آدم صفي اللّٰه عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي مقدس ذات کان ڪير ناواقف آهي جو جنهن کي ربّ تعاليٰ سمورن انسانن جو پيءُ بڻجڻ جو شرف عطا فرمايو، سڀني ملائڪن کان پاڻ عَلَيه السَّلَام کي سجدو ڪرايو ۽ پنهنجي ٺاهيل جنّت جو نظارو ڪرايو، ايتري قدر اعليٰ ۽ اوچو رُتبو نصيب ٿيڻ جي باوجود حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پاڻ عَلَيه السَّلَام جي محبت جو عالم تہ مُلاحظہ فرمايو تہ هڪ دفعي پاڻ عَلَيه السَّلَام پنهنجي نورِ نظر حضرت شِيث عَلَيه السَّلَام کي نصيحت ڪندي انهن اڳيان وڏي ئي دلنشين انداز ۾ تاجدارِ انبياء، محبوبِ ڪبريا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مدح بيان فرمائي ۽ انهن کي ذڪرِ مُصطَفٰي ڪندو رهڻ جي تلقين بہ ارشاد فرمائي. جيئن

حضرت سَيدُنا آدَم صفي اللّٰه عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پنهنجي پٽ حضرت شِيث عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي فرمايو: توهان جڏهن بہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو ذِڪر ڪيو تہ گڏ حضرت محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ نالو بہ وٺجو، ڇوتہ مون ان وَقت بہ سندن مُبارَڪ نالو عرش جي سُتُونن تي لکيل ڏٺو هو، جڏهن آئون رُوح ۽ مٽي جي دَرمِيان (تَخلِيقِي مرحلن ۾) هئس، پوءِ جڏهن مون کي آسمانن جي سَير ڪرائي وئي تہ ان وَقت بہ مون هر جڳهہ سندن اِسمِ گرامي لکيل ڏٺو، پوءِ

منهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ مون کي جَنَّت ۾ رکيو ته اتي مون هر جَنّتي مَحل ۽ دروازي تي نامِ محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) لکيل ڏٺو، ان کان عِلاوه حُورُ العِين جي پيشانين، طُوبيٰ ۽ سِدرَةُ المُنتَهٰي نالي وڻ ۽ بين جَنَّتي وڻن جي پنن ۽ حِجاباتِ اِلٰهيه جي ڪنارن ۽ ملائڪن جي اکين جي وچ ۾ به اهو نامِ محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لکيل ڏٺو آهي. تنهنڪري انهن جو ڪثرت سان ذِڪر ڪجو، بي شڪ ملائڪ به هر گهڙي سندن ذِڪرِ خير سان پنهنجي زبان تَر رکن ٿا.

(تاريخ ابن عساڪر، ٢٨١/٢٣،رقم:٢٧٨١:شيث ويقال شبيث بن آدم)

## مخلوق ۾ سڀ کان وڌيڪ محبوب ڪير؟

نبي ڪريم ،رؤفٌ رَّحيم، محبوبِ ربِّ عظيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جڏهن حضرت آدم عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام بارگاهِ اِلٰهي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيو: اي منهنجا ربّ عَزَّ وَجَلَّ! مون کي محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ۾ معاف ڪري ڇڏ. الله عَزَّوَجَلَّ فرمايو: اي آدم! توهان محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي ڪيئن سڃاتو حالانڪ اڃا ته مون ان کي پيدا به ناهي ڪيو؟ حضرت آدم عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام عرض ڪيو: اي الله عَزَّوَجَلَّ! جڏهن تو مون کي پيدا ڪري مون اندر رُوح وڌو ۽ مون پنهنجو مٿو مٿي ڪنيو ته مون عرش جي سُتونن تي لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللهِ لکيل ڏٺو، ته آئون سمجهي ويس ته توهان پنهنجي نالي سان ان جو نالو گڏ ڪيو آهي جيڪو تو کي سڀني مخلوق ۾ سڀ کان وڌيڪ محبوب آهي. اللهعَزَّوَجَلَّ فرمايو: اي آدم! تو سچ چيو، بيشڪ هو تمام مخلوق ۾ منهنجي بارگاهه ۾ سڀ کان وڌيڪ محبوب آهي. تون ان جي وسيلي مون کان دعا ڪر آئون تو کي معاف ڪندس ۽ ”وَ لَوۡ لَا مُحَمَّدٌ مَا خَلَقۡتُكَ“ جيڪڏهن محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) نه هجن ها ته مان توکي پيدا نه ڪيان ها.

(مستدرڪ،و من ڪتاب آيات رسول الله...الخ،استغفارآدم عليه السلام ...الخ ،٥١٧/٣،حديث:٤٢٨٦)

www.dawateislami.net

نُوح و خلیل و موسیٰ و عیسیٰ سب کا ہے آقا نامِ محمد
آنکھوں کا تارا نامِ محمد دِل کا اُجالا نامِ محمد
اللّٰہُ اَکْبَر رَبُّ الْعُلٰی نے ہر شے پہ لکھا نامِ محمد
ہیں یُوں تو کثرت سے نام لیکن سب سے ہے پیارا نامِ محمد
دولت جو چاہو دونوں جہاں کی کرلو وظیفہ نامِ محمد
صلِّ علٰی کا سہرا سجاکر دُولہا بنایا نامِ محمد
شیدا نہ کیوں ہوں اس پر مسلماں رَبّ کو ہے پیارا نامِ محمد
آنکھوں میں آ کر دل میں سَما کر رنگت رَچا جا نامِ محمد

(قبالہ بخشش، ص۷۴،۷۳)

سرڪار جي آمد مرحبا♣سردار جي آمد مرحبا♣سالار جي آمد مرحبا♣مختار جي آمد مرحبا♣غمخوار جي آمد مرحبا ♣ تاجدار جي آمد مرحبا♣شاندار جي آمد مرحبا♣
مرحبا يا مُصطَفيٰ♣مرحبا يا مُصطَفيٰ♣مرحبا يا مُصطَفيٰ ♣مرحبا يا مُصطَفيٰ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هينئر اسان ابُو البشر حضرت سَيدُنا آدم صفي الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیه الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي مُبارڪ زبان مان شانِ مصطفيٰ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، يقيناً ان ڪي رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي خدا جو خاص فضل ۽ احسان ئي چئي سگهجي ٿو تہ هن دنيا ۾ پاڻ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي آمد کان پهريان ئي الله عَزَّوَجَلَّ معصوم هستين جي ذريعي پاڻ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شان ۽ عظمت بيان فرمائي، حضرت آدم عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیه الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کان بعد نبوت جو سلسلو هلندو رهيو، ايستائين جو الله عَزَّوَجَلَّ حضرت سَيدُنا نوح عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیه الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي

ماڻهن جي اصلاح جي لاءِ دنيا ۾ موڪليو، يقيناً سندن مقام ۽ مرتبو بہ نبين ۾ نهايت اعليٰ ۽ مٿانهون آهي، پاڻ پنهنجي قوم کي سڌي راهہ تي آڻڻ جي ڪوشش ۾ ڪا ڪمي نہ ڪئي، پر ڪجھ ماڻهن کان علاوه هي بدنصيب قوم پنهنجي هوڏ تي قائم رهي ايستائين جو ميدانِ محشر ۾ اها بدبخت قوم رَبّ عَزَّ وَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ بيهي ڪري بہ سندن تي ڪوڙ ڳالهائيندي، پوءِ جڏهن حضرت نوح عَلَيه السَّلَام بارگاهہ الٰهي ۾ حقيقت کي واضح ڪندا تہ انهيءَ دوران تمام اوّلين ۽ آخرين اهلِ محشر جي سامهون پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا وصف بہ بيان فرمائيندا. اچو! هاڻي حضرت سَيِدُنا نوح عَلَيه السَّلَام جي مبارڪ زبان مان شانِ مصطفيٰ ٻڌون ٿا، جيئن

## شانِ مُصطَفٰي بزبانِ نوح نَجِي اللّٰه

نبي ڪريم، رؤف و رحيم، محبوبِ ربِّ عظيمصَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: بيشڪ الله عَزَّ وَجَلَّ قيامت جي ڏينهن سڀ کان پهريان حضرت نوح عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ سندن امت کي سڏيندو ۽ فرمائيندو: توهان نوح کي ڪهڙو جواب ڏنو هو؟ اهي چوندا: انهن نہ اسان کي ڪڏهن دعوت ڏني، نہ تنهنجو ڪو حڪم پهچايو، نہ ڪڏهن نصيحت ڪئي ۽ نہ اسان کي ڪنهن شيءِ جو حڪم ڏنو ۽ نہ منع ڪيو، حضرت سَيِدُنا نوح نَجِي اللّٰه عَلَيه السَّلَام عرض ڪندا: اي منهنجا ربّ عَزَّوَجَلَّ! مون انهن کي اهڙي دعوت ڏني جيڪا اوّلين ۽ آخرين سيني کي ملي هئي، الله عَزَّوَجَلَّ ملائڪن کي فرمائيندو: احمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ۽ سندن امت کي سڏيو، تہ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سندن امت ان شان سان حاضر ٿيندا جو انهن جو نُور انهن جي اڳيان اڳيان هوندو. حضرت سَيِدُنا نوح عَلَيه السَّلَام ، پاڻ سڳورنصَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سندن اُمّت کي چوندا: ڇا توهان ڄاڻو ٿا تہ تہ مون پنهنجي قوم کي الله عَزَّ وَجَلَّ جو پيغام پهچائي ڇڏيو هو ۽ انهن کي سمجهائڻ

جون نهايت ڪوششون ڪيون هيون ۽ لڪ ۾ ۽ اعلانيہ انهن کي دوزخ مان بچائڻ جون ڪوششون ڪيون پر پوءِ بہ هي منهنجي دعوت کان پري ڀڄندا رهيا. تہ محمد رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ پاڻ سڳورن (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي اُمّت چوندي: اسان گواهي ڏيون ٿا تہ اوهان جيڪو ڪجھ چيو آهي، هو سڀ سچ آهي. ان تي حضرت سَيِّدُنا نوح عَلَيْهِ السَّلَام جي قوم چوندي: اي احمد صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: اوهان کي ۽ اوهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امت کي ھن جي ڪھڙي خبر؟ اسان سڀني کان پھرين اُمَّت آهيون جڏهن تہ توهان (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ۽توهان جي اُمَّت سڀ کان آخر ۾ تشريف کڻي آيا آهيو تہ محمدٌ رَّسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سوره نوح تلاوت فرمائيندا، جڏهن پاڻ (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) سورت ختم ڪندا تہ سندن امت چوندي تہ اسان شاهدي ڏيون ٿا تہ هي سچو واقعو آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ کان سوا ڪو معبود ناهي ۽ بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ ئي غالب حڪمت وارو آهي.

(مستدرڪ، ڪتاب: تواريخ المتقد مين من الانبياء والمرسلين،شهادة نبينا وامته...الخ، ٣/ ٤١٢، حديث:٤٠٦٦)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو تہ محشر جي ڏينهن تمام نبين جي سرور، شفيعِ روزِ محشر صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وسلم کي ڪھڙي شان ۽ عظمت عطا فرمائيندو جو حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جي تبليغ رسالت جي تصديق ڪندا بلڪ آقا (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) قيامت جي ان هولناڪ ڏينهن تمام محشر وارن جي سڀ کان پهريان شفاعت بہ فرمائيندا. ياد رکو! محشر جو ڏينهن پنجاهہ هزار (50,000) سال جو هوندو، ٽامي جي ٺهڪندڙ زمين هوندي، سج هڪ مِيل جي مفاصلي تي رهي باھ وسائي رهيو هوندو، ڪيئي ماڻهو پنهنجي پگهر ۾ شل هوندا، اُڃ جي شِدَّت سبب زبانون سڪي ڪندا ٻڻجي وينديون. نَفسِي نَفسِي جو عالَم هوندو ۽ ان سخت وَقت ۾ ڪو پُرسانِ حال نہ هوندو. ان پريشاني مان نَجات جي لاءِ محشر وارا سفارشي تلاش ڪندا، جيڪو انهن کي هن مُصيبت مان نَجات ڏياري. پوءِ اها ڳالھ مشوري سان طي ٿيندي تہ

www.dawateislami.net

حضرت آدم عَلَیہ السَّلَام اسان سڀني جا پيءُ آهن، اللهِ تعاليٰ انهن کي پنهنجي دستِ قدرت سان بڻايو ۽ جنت ۾ رهڻ لاءِ جڳهه ڏني ۽ نُبُوّت جي مرتبي سان نوازيو، سندن خدمت ۾ حاضر ٿيڻ گهرجي، هو اسان کي هن مُصيبت مان نجات ڏياريندو. پوءِ اهي ماڻهو وڏي مشڪل سان پاڻ وٽ حاضر ٿيندا ۽ عرض ڪندا: اي آدم! اوهان ابُو البشر آهيو، اللهِ عَزَّوَجَلَّ اوهان کي پنهنجي دَستِ قُدرت سان بڻايو ۽ پنهنجي چُونڊيل رُوح اوهان ۾ وڌي ۽ ملائڪ يعني فِرشتن کان اوهان کي سجدو ڪرايو ۽ جنّت ۾ اوهان کي رکيو، تمام شين جا نالا اوهان کي سيکاريا، اوهان کي صَفي ڪيو، اوهان ڏسو نه پيا ته اسان ڪهڙي حالت ۾ آهيون...؟! اوهان اسان جي شفاعت ڪيو ته اللهِ تعاليٰ اسان کي ان مان نجات ڏي. (حضرت آدم عَلَیہ السَّلَام ) فرمائيندو: منهنجو هي رتبو ناهي، مون کي اڄ پنهنجي جان جي فڪر آهي، اڄ رَبّ عَزَّوَجَلَّ اهڙو غضب فرمايو آهي جو نه پهريان ڪڏهن اهڙو غضب فرمايو، نه آئنده فرمائيندو، توهان ڪنهن ٻئي وٽ وڃو! (پوءِ) ماڻهو عرض ڪندا: آخر ڪنهن وٽ اسان وڃون...؟ فرمائيندا: نُوح وٽ وڃو، ڇوته هو پهريان رسول آهن جيڪي زمين تي هدايت جي لاءِ موڪليا ويا (پوءِ) ماڻهو اُنهيءَ حالت ۾ حضرت نُوح عَلَیہ السَّلَام جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيندا ۽ سندن فضائل بيان ڪري عرض ڪندا ته اوهان پنهنجي ربّ جي بارگاهه ۾ اسان جي شفاعت ڪيو ته هو اسان جو فيصلو ڪري ڇڏي، هتان به ساڳيو جواب ملندو ته منهنجي اها شان ناهي، مون کي پنهنجي پيل آهي، توهان ڪنهن ٻي وٽ وڃو! (ماڻهو) عرض ڪندا، ته اوهان اسان کي ڪنهن وٽ موڪليو ٿا...؟ (ته حضرت نوح عَلَیہ السَّلَام) فرمائيندا: توهان ابراهيم خليل الله (عَلَیہ السَّلَام) وٽ وڃو، انهن کي اللهِ تعاليٰ مرتبہ خُلّت سان ممتاز فرمايو آهي، ماڻهو (جڏهن حضرت ابراهيم خليلُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیہ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام) وٽ حاضر ٿيندا، ته هو به ساڳيو جواب ڏيندا ته مان ان قابل نه آهيان، مون کي پنهنجو انديشو آهي. مختصر هي ته هو

www.dawateislami.net

حضرت سَيدُنا موسيٰ عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي بارگاهہ ۾ موڪليندا، اتان بہ ساڳيو جواب ملندو، پوءِ حضرت موسيٰ عَلَيه السَّلَام حضرت سَيدُنا عيسيٰ رُوحُ اللّٰہ عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام وٽ موڪليندا، هو بہ هي فرمائيندا: تہ هي ڪم منهنجو نہ آهي، اڄ منهنجي رَبّ اهڙو غَضَب فرمايو آهي جو اهڙو نہ ڪڏهن فرمايو ۽ نہ فرمائيندو، مون ڪي پنهنجي جان جو ڏپ آهي، توهان ڪنهن ٻي وٽ وڃو، ماڻهو عرض ڪندا: اوهان اسان ڪي ڪنهن وٽ موڪليو ٿا؟ فرمائيندا: توهان ان جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيو، جنهن جي هٿ تي فتح رکي وئي، جيڪي اڄ بي خوف آهن، ۽ هو تمام اولادِ آدم جا سردار آهن، توهان محمد صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيو، هو خاتَمُ النَّبِيين آهن، هو اڄ توهان جي شفاعت ڪندا، اُنهن وٽ حاضر ٿيو، هو هتي تشريف فرما آهن. هاڻي ماڻهو هتان هتان ٿيندي ٿاٻا کائيندي، روئيندي دانهون ڪندي، پڪاريندي حاضرِ بارگاهہ بي ڪس پناهہ تي عرض ڪندا: اي محمد (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)! اي اللّٰہ عَزَّ وَجَلَّ جا نبي! حضور اوهان جي هٿ تي اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ فتح باب (يعني ڪاميابي جي دروازي جو ڪُلڻ) رکيو آهي ، اڄ حضور (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) مطمئن آهن، اِن جي علاوہ ٻيا ڪوڙ فضائل بيان ڪري عرض ڪندا: حضور (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ملاحظ تہ فرمائن اسان ڪهڙي مصيبت ۾ آهيون! ۽ ڪهڙو حال تي ويو آهي! حضور(صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) بارگاهہ خداوندي ۾ اسان جي شفاعت فرمائن ۽ اسان ڪي هن آفت مان نجات ڏيارين. حضور (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جواب ۾ ارشاد فرمائيندا: (اَنَا لَهَا) يعني مان ئي هن ڪم جي لاءِ آهيان، مان ئي هو آهيان جنهن ڪي اوهان تمام هنڌن تي ڳولهي آيا آهيو، هي فرمائي سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بارگاهہ عزّت ۾ حاضر ٿيندا ۽ سجدو ڪندا. ارشاد ٿيندو "اي محمد ! (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) پنهنجو مٿو مٿي ڪڻو ۽ چئو، توهان جي ڳالهہ ٻُڌي ويندي ۽ گهرو جيڪي ڪجهہ گهرندو ملندو ۽ شفاعت ڪريو، توهان جي شفاعت مقبول آهي. (بهارشريعت،١/١٣٩)

www.dawateislami.net

منا منا اسلامي ڀائرو! سُبۡحٰنَ اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ!اوهان ڏٺو تہ اللّٰه رَبُّ العزت عَزَّ وَجَلَّ اسان جي آقا ۽ مولي، محمدِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪيتري نرالي شان ۽شوڪت جو مالڪ بڻايو جو مَحشَر جي ان هولناڪ ڏينهن جڏهن انسان پنهنجي ڀينرن ڀائرن، ماءُ پيءُ ۽ ٻارن ٻچن کان ڀڄي رهيو هوندو، اُن سخت ڏينهن هر ڪنهن کي پنهنجي ئي لڳي هوندي ،اهڙي سخت ڏينهن ۾ رحيم و ڪريم آقا، شفيع ۽ شفيق آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گُنهگار اُمَّت کي عذابِ دوزخ کان بچائڻ جي خاطر اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ عالي ۾ مُسَلسَل اُمَّت جي شفاعت لاءِ اِجازت طَلَب فرمائيندا، پوءِ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي محبوب رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي شفاعت جو اِختِيار عطا فرمائيندو ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، اللّٰهعَزَّ وَجَلَّ جي عطا سان پنهنجين اُمَّتين جي شفاعت ڪري اُنهن کي جهنّم کان ڇُوٽڪارو ڏياري جنّت ۾ داخل فرمائيندا.اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

قِيامت جي هوش اُڏائڻ وارين مصيبتن ۾ اسان جو بِگڙيل ڪم ڪهڙي طرح نهندو، اعليٰ حضرترَحۡمَةُ اللّٰه تعالي عَلَيه جي ڀاء حضرت مولانا حسن رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰه تعاليعَلَيه ان جي منظر ڪشي ڪندي پنهنجي ڪلام ۾ فرمائن ٿا:

| | |
|---|---|
| تمہارا نام مصیبت میں جب لیا ہو گا | ہمارا بگڑا ہوا کام بن گیا ہو گا |
| گناہگار پہ جب لُطف آپ کا ہو گا | کیا بغیر کیا بے کیا،کیا ہو گا |
| خُدا کا لُطف ہوا ہوگا دَستگیر ضرور | جو گرتے گرتے تِرا نام لے لیا ہو گا |
| دِکھائی جائے گی محشر میں شانِ محبوبی | کہ آپ ہی کی خوشی آپ کا کہا ہوگا |
| کسی کے پاؤں کی بیڑی یہ کاٹتے ہوں گے | کوئی اسیرِ غم ان کو پُکارتا ہو گا |
| کسی طرف سے صدا آئے گی حضور آؤ | نہیں تو دَم میں غریبوں کا فیصلہ ہو گا |
| کوئی کہے گا دُہائی ہے یا رسول اللہ | تو کوئی تھام کے دامن مچل گیا ہوگا |
| یہ بے قرار کرے گی صدا غریبوں کی | مقدس آنکھوں سے تار اَشک کا بندھا ہوگا |

www.dawateislami.net

ہزار جان فدا نرم نرم پاؤں سے — پُکار سُن کے اسیروں کی دوڑتا ہوگا
عزیز بچّہ کو ماں جس طرح تلاش کرے — خدا گواہ یہی حال آپ کا ہو گا
خدائی بھر اِنہیں ہاتھوں کو دیکھتی ہوگی — زمانہ بھر اِنہیں قدموں پہ لوٹتا ہوگا
میں اُن کے دَر کا بھکاری ہوں فضلِ مولیٰ سے — حسنؔ فقیر کا جنّت میں بِسترا ہو گا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

سرڪار جي آمد مرحبا♣سردار جي آمد مرحبا♣سالار جي آمد مرحبا♣مختار جي آمد مرحبا
♣غمخوار جي آمد مرحبا ♣ تاجدار جي آمد مرحبا♣شاندار جي آمد مرحبا♣
مرحبا يا مُصطَفيٰ♣مرحبا يا مُصطفيٰ♣مرحبا يا مُصطَفيٰ ♣مرحبا يا مُصطَفيٰ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عام طور جيڪو شخص جيڏي وڏي رُتبي تي فائز هوندو آهي ان جي اندر موجود خوبيون به ايتري قدر عُمده ۽ بي مثال هئڻ گهرجن، جنهن سبب هو ٻين ماڻهن کان ممتاز ٿي سگهي، ۽ جيڪڏهن ان جي اندر هڪ ئي وقت ڪئي عُمده خوبيون گڏ ٿي وڃن ته هاڻي ان جو مان ۽ مرتبو وڌيڪ اعليٰ ۽ ارفع ٿي ويندو آهي، يقيناً نبين جي ذات مخلوق ۾ سڀ کان افضل ۽ اعليٰ ۽ هر طرح سان ممتاز ئي ممتاز آهي، اللّٰه تعاليٰ انهن کي مختلف خوبين سان مُزين ڪيو آهي، پر رحمت عالم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي عظمت ۽شان تي قُربان ٿجي جو اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ جيڪي خوبيون ٻين انبياء ڪرام عَلَیْهِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي عطا ڪيون اهي سڀ جون سڀ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ذات ۾ جمع ڪيون ويون. ڪنهن شاعر ڇا ته خوب لکيو آهي ته

کوئی مثلِ مصطفےٰ کا کبھی تھا نہ ہے نہ ہوگا — کسی اور کا یہ رُتبہ کبھی تھا نہ ہے نہ ہوگا

حضرت علامہ محمد نور بخش توڪلي پنهنجي ڪتاب ”سيرتِ رسولِ عربي“ ۾ هنن خوبين بابت لکيو آهي جيڪي پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪان پهريان ٻين نبين سڳورن کي عطا ڪيون ويون ۽ اهي خوبيون نبين جي سرور،محبوبِ ربِّ اڪبر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بہ عطا ڪيون ويون، اچو! اسان بہ انهن خوبين جو خلاصہ ٻڌون ٿا.

## (1) حضرت آدم عَلَيہِ السَّلَام جون خوبيون:

حضرت(سَيدُنا آدم عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيہِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي الله تعاليٰ تمام شين جي نالن جو علم ڏنو ۽ پاڻ (عَلَيہِ السَّلَام) کي فرشتن سجدو ڪيو. جڏهن تہ محمدِ مصطفيٰ،احمد مجتبيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي الله تعاليٰ نالن جي علاوہ مُسَمَّيات جو بہ علم ڏنو (يعني نہ صرف تمام شين جي نالن جو عِلم ڏنو بلڪ جن شين جا هي نالا آهن، انهن شين جو بہ عِلم عطا ڪيو). پاڻ سڳورن (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي الله(عَزَّ وَجَلَّ) ۽ ان جا ملائڪ دُرُود موڪليندا رهندا آهن ۽ مومنين بہ دُرُود ۽ سلام موڪليندا آهن. هي ڪامل ترين بُزرگي آهي ڇوتہ حضرت آدم عَلَيہِ السَّلَام کي ڪيو ويندڙ سجدو تہ بس هڪ دفعو ٿي ٿيو ۽ دُرُود ۽ سلام هميشہ جي لاءِ جاري آهي ۽ اها بُزرگي تمام گهڻي عُموم واري بہ آهي ڇوتہ سجدو ڪرڻ ۾ تہ صرف ملائڪ شامل ها جڏهن تہ دُرُود ۾ الله (عَزَّوَجَلَّ)، ملائڪ ۽ مومن سڀ شامل آهن. حضرت سَيدُنا امام فخرُ الدّين رازي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه ”تفسيرِ ڪبير“ ۾ لکن ٿا تہ الله تعاليٰ ملائڪن کي ان ڪري سجدي جو حڪم ڏنو هو جو ان وقت نورِ محمدي حضرت سَيدُنا آدم عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيہِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي پيشاني ۾ موجود هو.

(تفسير ڪبير،سورة البقرة،تحت الاية:٢٥٣ ،الجزء:٢،٣/٥٢٥)

مومنو! پڑھتے نہیں کیوں اپنے آقا پر دُرُود ہے فرشتوں کا وظیفہ اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (2) حضرت ادريس عَلَيهِ السَّلَام جون خوبيون:

حضرت سَيدُنا ادريس عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام كي الله تعاليٰ آسمان تي کنيو. جڏهن تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي الله تعاليٰ شبِ معراج آسمانن کان مٿاهون مقام قَابَ قَوْسَيْنِ تائين کنيو.

## (3) حضرت نوح عَلَيهِ السَّلَام جون خوبيون:

◈ حضرت سَيدُنا نُوح عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام تي اِيمان آڻڻ وارن کي الله تعاليٰ غرق ٿيڻ کان نجات ڏني.جڏهن تہ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وُجُود جي بَرَکت سان پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اُمت فَنَا کري ڇڏڻ واري عذاب کان محفوظ رهي(جيئن تہ سيپارو 9 سُوْرَةُ الْاَنْفَال جي آيت نمبر 33 ۾ اِرشادِ باري تعاليٰ آهي:)

| | |
|---|---|
| وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُعَذِّبَهُمْ وَاَنْتَ فِيْهِمْ ؕ<br>(پ٩،الانفال:٣٣) | ترجموکنزالايمان: ۽ الله جي شان جي لائق ناهي تہ اُنهن کي عذاب ڏي جيستائين اي محبُوب! تُون اُنهن ۾ تشريف فرما آهين |

◈ اللهعَزَّ وَجَلَّ نُوح جي ٻيڙي کي بہ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي جي نُور جي بَرَکت سان غَرق ٿيڻ کان بچايو ڇوتہ اُن وقت نُورِ محمدي حضرت سَيدُنا سام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه جي پيشاني ۾ هو. (شرح زرقاني ،المقصدالاول ...الخ ، غزوه تبوک ...الخ،٤/١٠٢)

کشتیِ نوح میں، نارِ نمرود میں
بطنِ ماہی میں یُونُس کی فریاد پر
آپ کا نامِ نامی اے صلِّ علیٰ
ہر جگہ ہر مصیبت میں کام آ گیا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## (4) حضرت صالح عَلَيهِ السَّلَام جون خوبيون:

حضرت سَيدُنا صالح عَلٰی نَبِيِنَا وَ عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جي لاءِ الله تعاليٰ پٿر مان مادي اٺ، انڊ، ڏاچي بہ جنهن کي چوندا آهن ڪڍي ۽ حضور عَلٰی نَبِيِنَا وَ عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام فصاحت ۾ بي مثل هئا. جڏهن تہ اُٺ ٻارهين واري مُصطفيٰ، حبيبِ ڪبريا، آمِنہ جي دِلربا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت ڪئي ۽ مديني واري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪلام ڪيو. فصاحت ۾ ڪو حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي درجي کي نٿو پهچي سگهي. (خصائص ڪبريٰ،ذڪر معجزاته في ضروب الحيوانات،باب قصة الجمل،۲/۹۵)

میں نثار تیرے کلام پر ملی یوں تو کس کو زباں نہیں
وہ سُخن ہے جس میں سُخن نہ ہو وہ بیان ہے جس کا بیاں نہیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (5) حضرت ابراهيم عَلَيهِ السَّلَام جون خوبيون:

حضرت سَيدُنا ابراهيم عَلٰی نَبِيِنَا وَ عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جي لاءِ الله تعاليٰ باھ کي ٿڌو ڪري ڇڏيو، جڏهن تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نور جي بَرَڪت سان حضرت سَيدُنا ابراهيم خليلُ الله تي باھ ٿڌي ٿي. (شرح زرقاني، المقصدالاول...الخ، غزوه تبوڪ...الخ،۴/۱۰۵) حليمہ جي پيارا، محبوبِ ربُّ العُليٰ، سيد الانبياء صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت شريف تي فارس جي باھ جيڪا هزار(1000) سالن کان نہ وسامي هئي اها وسامجي وئي. (خصائص ڪبريٰ،ذڪر معجزاته...الخ،باب:الاية في عدم احراق النار...الخ،۲/۱۳۳)

## (6) حضرت اسمٰعيل عَلَيهِ السَّلَام جون خوبيون:

حضرت سَيدُنا اِسمٰعيل عَلٰی نَبِيِنَا وَ عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جي پاڻ جي والدِ محترم حضرت سَيدُنا ابراهيم عَلٰی نَبِيِنَا وَ عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام ذبح ڪرڻ لڳا تہ پاڻ صَبر ڪيو. جڏهن تہ نبي ڪريم، رؤف و رحيم، محبوبِ ربِّ عظيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شَقّ صَدر ٿيو (يعني

سِينَو مبارڪ چاڪ ٿيڻ جو واقعو حقيقتاً رونُما ٿيو) جڏهن تہ حضرت اسمٰعيل عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي ذبح نہ ڪيو ويو بلڪ اوهان جي بدران دنبي کي ذبح ڪيو ويو. (شرح زرقاني،المقصدالخامس...الخ، في تخصيصه بخصائص المعراج،٨/٢٨-٢٩)

## (7) حضرت يعقوب عَلَيهِ السَّلَام جون خوبيون:

حضرت سَيدُنا يعقوب عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي جڏهن حضرت سَيدُنا يوسُف عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي پائرن خبر ڏني تہ يوسُف (عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) کي بگهڙ کائي ويو آهي تہ حضرت يعقوب عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام بگهڙ کي سڏي پڇيو تہ بگهڙ چيائين: مون يوسُف (عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) کي ناهي کاڌو. (خصائص ڪبريٰ،٢/١٨٢) جڏهن تہ منهنجا آقا، مڪي مديني وارا مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان بگهڙ ڪلام ڪيو.
(خصائص ڪبريٰ،ذڪر معجزاته ...الخ ،باب:قصة الذئب ،٢/٣٠٨)

## (8) حضرت يوسف عَلَيهِ السَّلَام جون خوبيون:

حضرت سَيدُنا يوسُف عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي الله تعاليٰ وڏو حُسن ۽ جَمال عطا ڪيو. جڏهن تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اهڙو حُسن عطا ٿيو جيڪو ڪنهن بي کي ناهي مليو، حضرت سَيدُنا يوسُف عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي تہ اڌ حُسن مِليو هو پر حسين وجميل،محبوبِ ربِّ جليل صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي مُڪمَّل حُسن مليو.
(خصائص ڪبريٰ، باب اختصاصه ...الخ،٢/ ٣١٥)

حُسنِ یوسُف پہ کٹیں مصر میں انگُشت زناں
سَر کٹاتے ہیں ترے نام پہ مردانِ عرب

شعر جي وضاحت: حضرت سَيدُنا يوسف عَلَيهِ السَّلَام جي حُسن کي ڏسي مِصر جون عورتون بي اختيار اڱر ڪپي ڇڏيون هيون جڏهن تہ اسان جي نبي رحمت، شفيعِ اُمَّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صرف نالي تي عرب جا نوجوان پنهنجو سر ڪٽائيندا رهيا آهن ۽ قيامت تائين ڪٽائيندا رهندا.

## (9)حضرت ايوب عَلَيهِ السَّلَام جون خوبيون:

حضرت سَيدُنا ايوب عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام صَبر ڪرڻ وارا ها. جڏهن تہ صَبر ۾ اسان جي آقا ومولي، محمد رسول اللهﷺصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا اَحوال تمام گهڻا آهن. يعني پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو صبر نهايت عظيم هو.

## (10)حضرت موسيٰ عَلَيهِ السَّلَام جون خوبيون:

حضرت سَيدُنا موسيٰ عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام کي يدِبَيضَا (روشن هٿ) عطا ٿيو.جڏهن تہ روشن رسول، آمِنہ جي مهڪندڙ گل حضرت محمّد مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پُشت مُبارَڪ تي مُهرِ نُبُوَّت هئي، ان جي علاوه پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سَرَاپا نُور ها، جيڪڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لباسِ بَشَرِيت ۾ نہ هجن ها تہ ڪو بہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جَمال کي برداشت نہ ڪري سگهي ها.

اِک جھلک دیکھنے کی تاب نہیں عالم کو
وہ اگر جلوہ کریں کون تماشائی ہو

حضرت سَيدُنا موسيٰ عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام عَصَو مبارڪ هٽي پٿر مان پاڻي جاري ڪري ڇڏيو، جڏهن تہ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي آڱرين سان چشمن وانگر پاڻي جاري ڪري ڇڏيو. (خصائص ڪبريٰ،ذڪر بقية المعجزات ...الخ،باب:نبع الماء من بين اصابعه ...الخ،٢/٦٧)
هي ان ڪان وڌيڪ آهي ڇوتہ پٿر جي اندر مان پاڻي جو نڪرڻ تہ مشهور ۽ معروف آهي پر رت ۽ گوشت مان پاڻي جو نڪرڻ واهہ واهہ.

انگلیاں ہیں فیض پر ٹوٹے ہیں پیاسے جھوم کر
ندیاں پنجابِ رحمت کی ہیں جاری واہ واہ
(حدائقِ بخشش،ص۱۳۴)

www.dawateislami.net

## (11)حضرت يوشع عليہ السّلام جون خوبيون:

حضرت سَيدُنا يوشَع عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیه الصَّلوٰۃُ وَالسَّلَام جي لاءِ سج بيهي رهيو. جڏهن تہ رسولن جي سردار، نبين جي تاجدار، رسولِ شاندارصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ بہ سج لهڻ کان روڪيو ويو. (شرح زرقاني، المقصدالرابع ...الخ، رد الشمس له ...الخ،٦/٤٩٣)

اشارے سے چاند چیر دیا چھپے ہوئے خور کو پھیر دیا
گئے ہوئے دن کو عصر کیا یہ تاب و تواں تمہارے لئے

(حدائق بخشش، ص۳۵۱)

## (13)حضرت داؤد عليہ السّلام جون خوبيون:

حضرت سَيدُنا داؤدعَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیه الصَّلوٰۃُ وَالسَّلَام سان گڏ جبل تسبيح پڙهندا هئا. جڏهن تہ سيني نبين جي تاجدار،محبوبِ پروردگارصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دَستِ مُبارَڪ ۾ پٿرين تَسبِيح پڙهي بلڪ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بين جي هٿ ۾ بہ پٿرين کان تسبيح پڙهائي ڇڏي. ان کان وڌيڪ هي تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪاڏي مان تَسبِيح جو آواز ايندو هو جوتہ جبل تہ خُشوع ۽ خُضوع سان مُتَّصِف آهن پر ڪاڏي جو تَسبِيح ڪرڻ مشهور ۽ معروف ناهي.

سنگ و شجر سلام کو حاضر ہیں السّلام
کلمے سے تر زبان درخت و حجر کی ہے

پکي حضرت سَيدُنا داؤدعَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیه الصَّلوٰۃُ وَالسَّلَام جي تابِع ڪيا ويا، جڏهن تہ منهنجا نبي، پيارا نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ پکين سان گڏوگڏ ٻيا حيوان (اُٺ، بگهڙ، شينهن وغيره) بہ اِطاعت گذار ۽ فرمانبردار ڪيا ويا.

حضرت سَيدُنا داؤد عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیه الصَّلوٰۃُ وَالسَّلَام جي هٿن ۾ لوهہ ميڻ جيان نَرم ٿي ويندو هو جڏهن تہ منهنجي آقا،محمدِ مصطفيٰصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ

شب ِمِعرَاج هڪ وڏو پٿر خمير (يعني ڳوهيل آٽي) جيان نرم ٿي ويو.
(دلائل النبوة ،الفصل الثلاثون في ذكر ...الخ،رقم:٢،٥٣٩/٣٥٣)

حضرت سَيدُنا داوٗد عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام نهايت خوش آواز ها جڏهن ته آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم به نهايت خوش آواز ها جيئن ته حديثِ پاڪ ۾ آهي: وَكَانَ نَبِيكُمْ اَحْسَنَهُمْ وَجْهًا وَ اَحْسَنَهُمْ صَوْتًا (۽ توهان جي نبي جو چهرو سڀ کان وڌيڪ حسين ۽ آواز تمام گهڻي خوبصورت هئي) (شمائل محمدية،باب:ما جاء في قراء ة رسول الله،حديث:٣٠٣، ص١٨٣ و فتح الباري ،كتاب مناقب الانصار،باب المعراج،تحت الحديث:٣٨٨٨، ١٢٩/٧)

## (14)حضرت سليمان عَلَیہِ السَّلَام جون خوبيون:

حضرت سَيدُنا سُلَيمان عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي عظيم سَلطَنَت عطا ٿي. جڏهن ته غريبن جي آقا، يتيمن جي موليٰ،محمدِ مصطفيٰ، يٰسين ۽ طٰهٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي الله تعاليٰ اِختِيار ڏنو ته نُبُوَّت سان گڏ سَلطَنَت وٺو يا عُبُودِيت، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽مختار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم عُبُودِيت(بندگي) کي پسند فرمايو. الله تعاليٰ زمين جي خزانن جون چاٻيون حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي عطا فرمايون ۽ حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي اختيار ڏنو ته جنهن کي چاهين عطا ڪن. (سيرت رسول عربي,٥٥٨)

کنجی تمہیں دی اپنے خزانوں کی خدا نے
محبوب کیا مالک و مختار بنایا

حضرت سَيدُنا سُلَيمان عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام پکين جي ٻولي سمجهندا ها. جڏهن ته رسولِ بي مثال، بيبي آمِنه جا لال، محبوبِ ربِّ ذُوالجلال صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اُٺ، بگهڙ وغيره حيوانن جو ڪلام به ڄاڻيندا هئا، حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان پٿر ڪلام ڪيو، جنهن کي حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سمجهي ورتو.

www.dawateislami.net

ہاں یہیں کرتی ہیں چڑیاں فریاد ہاں یہیں چاہتی ہے ہرنی داد
اِسی دَر پر شترانِ ناشاد گلۂ رَنج وعَنا کرتے ہیں

شعر جي وضاحت: نبي ڪريم، رؤفٌ ورَّحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ تہ اھا عظيم بارگاھ آھي جتي انسان تہ انسان بلڪ جهرڪيون بہ پنهنجو فرياد وٺي ايندِيون آھن ۽ انهن جي فرياد رسي ڪئي ويندي آھي، هرڻ انصاف جي طلب گار بڻجي حاضر ٿيندي آھي مُراد ماڻي خُوش ۽خُرم موٽندي آھي، ھي اھو در آھي جتي اُٺ شڪايت ڪٺي حاضر ٿيو تہ ان جي بہ شڪايت پري ۽ حل ڪئي ويندي آھي .

## (15)حضرت عيسيٰ عَلَيهِ السَّلَام جون خوبيون:

حضرت سَيدُنا عيسيٰ عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام مُردن ڪي زنده ۽ اَنڌن ڪي اکين وارو ۽ ڪوڙھ وارن (سفيد داغ جي جِلد وارن) ڪي نيڪ ڪندا ھئا، جڏھن تہ ڪونين جي آقا، اعليٰ ۽ بالا، مني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ مُردن ڪي زنده ۽ اَنڌن ڪي اکين وارو ۽ ڪوڙھين ڪي نيڪ فرمايو. جڏھن خَيبَر فَتح ٿيو تہ اتي جي ھڪ غير مسلم عورت پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي زھر واري ٻڪري جو گوشت ھدِيةً موڪليو، نبي غيب دان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڪري جو بازو(ٻانهن) ڪنيو ۽ ان مان ڪجھ کاڌو ٻڪريءَ جي ان ٻانهن چيائين تہ مون ۾ زھر وڌو ويو آھي. (شرح زرقاني،المقصد الاول---الخ، غزوه خيبر...الخ،۳/۲۹۰) ھي مُردي ڪي زنده ڪرڻ کان وڌيڪ آھي، ڇوتہ ھي مَيت جي ھڪ حِصّي جو زنده ٿيڻ آھي حالانڪ ان جو بقيا حصو جيڪو ان کان الڳ ۽ مُرده ئي ھو.

اِک دل ہمارا کیا ہے آزار اس کا کتنا
تم نے تو چلتے پھرتے مردے جِلا دیئے ہیں

www.dawateislami.net

**شعر جي وضاحت:** يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجن غمن کي پري ڪرڻ ته توهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ معمولي ڳالھ آهي ڇوته اوهان ته هلندي ڦرندي مُردا زنده ڪري ڇڏيندا آهيو ته منهنجي دل ڪهڙي شيء آهي؟

حضرت سَيِدُنا عيسيٰ عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام مِٽي مان پکي ٺاهيو جڏهن ته غزوهٔ بَدر ۾ حضرت سَيِدُنا عُڪاشَہ بن مِحصَن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي تلوار ٽُٽي پئي ته منهنجي نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي هڪ سکل ڪاني عطا ڪئي جڏهن انهن پنهنجي هٿ ۾ ڪٽي لوڏيو ته اها سفيد مضبوط ڊگهي تلوار بڻجي وئي.

(شرح زرقاني،المقصد الاول،باب:غزوة بدر الكبري، ۳۰۱/۲)(سيرتِ رسولِ عربي،۵۵۲تا۵۵۹,ملخصاً)

سب سے اَولیٰ و اعلیٰ ہمارا نبی — سب سے بالا و وَالا ہمارا نبی
اپنے مولیٰ کا پیارا ہمارا نبی — دونوں عالَم کا دُولہا ہمارا نبی
بزمِ آخر کا شمع فروزاں ہوا — نورِ اوّل کا جلوہ ہمارا نبی
جس کو شایاں ہے عرش خُدا پر جلوس — ہے وہ سلطانِ والا ہمارا نبی
بجھ گئیں جس کے آگے سبھی مشعلیں — شمع وہ لے کر آیا ہمارا نبی
سارے اچھوں میں اچھّا سمجھئے جسے — ہے اُس اچھے سے اچھّا ہمارا نبی
سارے اُونچوں میں اُونچا سمجھئے جسے — ہے اس اُونچے سے اُونچا ہمارا نبی
خلق سے اَولیا اَولیا سے رُسل — اور رَسولوں سے اَعلیٰ ہمارا نبی
قرنوں بدلی رَسولوں کی ہوتی رہی — چاند بدلی کا نکلا ہمارا نبی
ملکِ کونین میں اَنبیا تاجدار — تاجداروں کا آقا ہمارا نبی

رهنما جي آمد مرحبا ♣ رهبر جي آمد مرحبا ♣ افسر جي آمد مرحبا ♣ سرْوَر جي آمد مرحبا ♣ محبوبِ ربّ جي آمد مرحبا ♣ سلطانِ عرب جي آمد مرحبا♣رسولِ اڪرم جي آمد مرحبا ♣ نورِمجسّم جي آمد مرحبا ♣ تاجوَر جي آمد مرحبا ♣ پيمبر جي آمد مرحبا

♣ منوّر جي آمد مرحبا ♣ معطّر جي آمد مرحبا

♣مرحبا يا مُصطَفٰي♣مرحبا يا مُصطَفٰي♣مرحبا يا مُصطَفٰي♣مرحبا يا مُصطَفٰي

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪتاب "سيرتِ رسولِ عربي" جو تعارف:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هينئر اسان جيڪي نبين سڳورن عَلَيهِمُ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جا مُعجِزا ۽ خُصُوصيتون ٻڌيون، گڏوگڏ هي به ٻڌو ته پياري آقا، ٻارهين واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جامع مُعجِزَات آهن، يعني انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جا تمام مُعجِزَا پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذاتِ پاڪ ۾ موجود آهن. هي سڄي معلومات جيڪي اسان ٻڌي، اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ هي مڪتبةُ المدينہ جي تمام ئي پياري ڪتاب "سيرتِ رَسُولِ عَرَبِي" ۾ موجود آهي.

نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مُبارڪ سيرت جي باري ۾ مزيد تفصيل جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ تان هن ڪتاب کي هديةً حاصل ڪيو ۽ ان جو مُطالعو پاڻ به ڪيو ۽ ٿي سگهي ته ٻين اسلامي ڀائرن کي به ترغيب ڏياريو. هي ڪتاب دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان رِيڊ(يعني پڙهي) به سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) به ڪري سگهجي ٿو.

## مجلسِ اَلمَدِينَةُالعِلمِيّة جو تعَارُف

هن ڪتاب جي تخريج ۽ تسهيل وغيره جو ڪم دعوتِ اسلامي جي مَجلِس "اَلمَدِينةُ العِلمِية" سَراَنجام ڏنو آهي ۽ دعوتِ اِسلامي جي اِشاعَتي اِداري مَڪتَبَةُ المَدِينہ هن کي ڇاپيو آهي. اَلمَدِينةُالعِلمِية دعوتِ اسلامي جو اهو اَهم شُعبو آهي جنهن اِصلاحِ اُمَّت جي جذبي جي تحت خالِص عِلمي ۽ اِشاعَتي ڪم جو بار پاڻ مٿي ڪنيو آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ اَلمَدِينةُالعِلمِية جي 16 شُعبن ۾

قرآن ءِحديث، تفسير عربي مان اُردو ، اُردو مان عربي ترجمي ۽ اصلاحي كتاب ۽ رسالا تحرير كرڻ جو كم جاري آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰهِ عَلٰى اِحْسَانِهٖ

## 12 مَدَني كمن مان هڪ مدني كم ”مدرسة المدينہ بالغان“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي نيكي جي دعوت عام كرڻ جي لاءِ 100 كان وڌيڪ شُعبن ۾ مدني كم كري رهي آهي، اوهان بہ دعوتِ اسلامي سان وابستہ رهو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مَدَني كمن ۾ وڌ كان وڌ حِصّو وٺو. ذيلي حلقي جي 12 مَدَني كمن مان هڪ مَدَني كم مدرسةُ المدينہ بالِغان بہ آهي. مدرسةُ المدينہ بالِغان ۾ خاص كري قُرآنِ پاڪ دُرست پڙهڻ سيكاريو ويندو آهي.قرآنِ پاڪ سکڻ سيكارڻ جي وڏي فَضيلت آهي. جيئن،

حَضرت سَيدُنا عُثمانِ غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه كان روايت آهي تہ شَهنشاهِ مدينہ، قَرارِ قَلب وسينہ، صاحبِ مُعطّر پسينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اِرشاد فرمايو: ”خَيْرُكُمْ مَنْ تَعَلَّمَ الْقُرْاٰنَ وَعَلَّمَهٗ“ يعني توهان مان بهترين شَخص اهو آهي، جنهن قُرآن سکيو ۽ ٻين كي سيكاريو. (2)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ قُرآنِ پاڪ سکڻ سيكارڻ جي ضَرورت ۽ اَهميت جي پيشِ نَظر قرآنِ پاڪ جي تَعليمات كي عام كرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي تَحت اسلامي ڀائرن جي لاءِ عُموماً بعد نمازِ عشاء مُختلف مَسجِدن وغيره ۾ هزارين مدرسةُالمدينہ بالِغان جي تَركيب ٿيندي آهي ۽ اسلامي ڀينرن جي لاءِ مُختلِف هنڌن ۽ اَوقات ۾ هزارين مدرسةُ المدينہ بالِغات جي تركيب ٿيندي آهي، اسلامي ڀائرُ اسلامي ڀائرن وٽان ۽ اسلامي ڀينرون اسلامي ڀينرن كان قرآنِ

---

2...بخاری،کتاب فضائل القرآن،باب خیرکم من تعلم القرآن...الخ، ۳/۴۱۰، حدیث:۵۰۲۷

www.dawateislami.net

ڪريم پڙهنديون آهن، حُرُوف جي دُرُست اَدائيگي سان قرآنِ ڪريم سکڻ سان گڏوگڏ مُختلِف دُعائون ياد ڪرڻ، نماز جا مسئلا سکڻ، مختلف سُنّتون ۽ آداب سکڻ، مدني درس(درسِ فيضانِ سُنّت) جو طريقو سکڻ، فکرِ مدينہ ڪرڻ وغيره مدرسة المدينہ بالغان جي جدول ۾ شامل هوندو آهي، هي جدول (دورانيہ) 63 منٽ جو هوندو آهي. اسان کي بہ پنهنجي دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي جي لاءِ مدرسةُ المدينہ بالِغان ۾ ضَرور شِرڪت ڪرڻ گهرجي. اچو! مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهڻ واري هڪ عاشقِ رسول جي مَدَني بهار ٻڌون ٿا.

## منهنجي زندگي بدلجي وئي

زم زم نگر( حيدرآباد،باب الاسلام،سنڌ) جي علائقي آفندي ٽاؤن ۾ مقيم هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: آئون هڪ فيشن پرست نوجوان هئس، دنيا جي موج مستي ۾ گم، پنهنجي آخرت جي انجام کان غافل زندگي جا ڏينهن گذاري رهيو هئس جو منهنجي ستل قسمت بيدار ٿي، مون کي مدرسةُ المدينہ (بالغان) جون رُوحاني فضائون تہ ڇا مليون، منهنجي تہ خوش بختي جي سفر جو آغاز ٿي ويو. مدرسةُ المدينہ (بالغان) جي برڪتن منهنجي تاريڪ دل کي خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفيٰ جي چراغ سان منور ڪري ڇڏيو. ان ۾ مون کي قرآنِ پاڪ جي تعليم سان گڏوگڏ سنّتن تي عمل جو جذبو بہ مليو ۽ هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت بہ نصيب ٿي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدرسةُ المدينہ (بالغان) ۾ پڙهڻ جي برڪت سان منهنجي زندگي ۾ بهار اچي وئي، فيشن پرستي ۽ موج مستي مان نجات حاصل ٿي وئي ۽ مان دعوتِ اسلامي جي مهڪندڙ مهڪندڙ مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

منا منا اسلامي ڀائرو! شانِ مُصطفٰي هڪ اهڙو دلچسپ موضوع آهي، ان کي بيان ڪرڻ جي لاءِ هي وقت تمام گهٽ آهي. ٻنهي جهان جي تاجدار، سيني نبين جي سردار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شان بيان ڪندي ڪندي ڪئي صديون گذري ويون، هر هڪ پنهنجي پنهنجي انداز ۾ سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شان بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪو به كَمَا حَقّهٗ (يعني جهڙو بيان ڪرڻ جو حق آهي) پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شان بيان نه ڪري سگهيو. صحابي رسول حضرت سَيدُنا حسان بن ثابت رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰي عَنه آقاءِ دو عالم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۾ عرض ڪيو.

وَاَحْسَنَ مِنْكَ لَمْ تَرَقَطُّ عَيِنِى      وَاَجْمَلَ مِنْكَ لَمْ تَلِدِ النِّساءُ
خُلِقْتَ مُبَرَّاءً مِّنْ كُلِّ عَيبٍ      كَاَنَّكَ قَدْ خُلِقْتَ كما تَشَاءُ

ترجمو: (١) اوهان کان وڌيڪ ڪو حسين ڪڏهن منهنجي اک ڏٺو ئي ناهي (٢) اوهان کان وڌيڪ حسين ۽جميل ڪنهن عورت ڄڻيو ئي ناهي (٣) اوهان هر عيب کان پاڪ پيدا ڪيا ويا آهيو (٤) ڄڻ ته اوهان کي ائين پيدا ڪيو ويو آهي جيئن اوهان چاهيو ٿي.

اهڙي طرح هڪ ڀيري شهنشاه ابرار، صاحبِ عمامہ پُرانوار، صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديدارِ پُربهار سان مشرف ٿيڻ بعد حضرت پير مِهر علي شاه گولڙوي رَحْمَةُ اللّٰهِتَعَالٰي عَلَيه وقتِ ديدار طاري ٿيڻ واري ڪيفيت کي ياد ڪيو ته جذبات جاڳي پيا، دل بيقرار ۽ اکيون اشڪبار ٿي ويون ته پاڻ هڪ نعتيه ڪلام ۾ ان جو اظهار هنن لفظن ۾ ڪيو. (مِهرمنير،ص١٣٢،ملخصاً)

اَج سِک مِتراں دِی وَدھیری اے کیوں دِلڑی اُداس گھنیری اے
لوں لوں وِچ شوق چنگیری اے اَج نیناں لایاں کیوں جھڑیاں

هن ڪلام ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حسن ۽جمال۽ فضائل ۽ڪمال کي نهايت خوبصورت انداز ۾ بيان فرمايو، آخرڪار پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه هن شعر تي هن ڪلام کي ختم ڪيو.

سُبْحَانَ اللهِ مَا اَجْمَلَكَ　　مَا اَحْسَنَكَ مَا اَكْمَلَكَ
کتھے مہرِ علی کتھے تیری ثنا گستاخ اکھیں کتھے جا اڑیاں

(يعني منهنجا آقا اوهان ايتري قدر صاحبِ حُسن ۽جمال ۽ صاحبِ ڪمال آهيو جو مون سان پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ثناء ممڪن ئي ناهي بلڪ ان سان منهنجي ڪا مناسبت ئي ناهي، ڪٿي مان ڪٿي اوهان جي ذاتِ اقدس، زيارت ۽ ديدار جو شرف فقط اوهان جي ڪرم نوازي آهي، نہ تہ منهنجون اکيون هن لائق ڪٿي، هنن ڪان بہ ڏسڻ ۾ جسارت تي وئي آهي. (شرح سِڪ مِتران دي،ص٣٨٣)

امامِ اهلسنت مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه بہ پنهنجي بيان ۽ تحرير ۾ ۽ شعرن جي صورت ۾ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ساراهہ بيان ڪئي آهي. اوهان جو نعتيہ ديوان ”حدائقِ بخشش“ جي نالي سان مشهور ۽ معروف آهي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه ان ۾ سرڪارصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۾ هڪ ڪلام لکيو تہ

سرور کہوں کہ مالک و مولیٰ کہوں تجھے　　باغِ خلیل کا گلِ زیبا کہوں تجھے

**شعر جي وضاحت:** يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان جي ذاتِ گرامي ۾ تمام خُوبيون جمع آهن، تنهنڪري مان اوهان جي ڪهڙي ڪهڙي خوبي کي بيان ڪيان؟ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي نبين جو سردار چوان؟ پنهنجو آقا ۽ موليٰ چوان؟ حضرت ابراهيم خليل الله عَلٰي نَبِيِّنَاوَعَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي باغ جو خوب صُورت گل چوان؟

www.dawateislami.net

پوءِ ان کان بعد نبين جي تاجدار، منبعِ اَنوار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا مختلف وصف لکندا ويا، جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه مکي مدني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بي شُمار اوصاف ۽ ڪمالات، فضائل ۽ خصوصيات تي غور ڪيو تہ حيران رهجي ويا تہ اوهان جي ساراهہ ۽ ثنا ڪهڙي طرح بيان ڪئي وڃي تہ پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه هن ڪلام جو اختتام هنن شعرن تي ائين فرمايو:

تیرے تو وَصف "عیبِ تناہی" سے ہیں بَری
حیراں ہوں میرے شاہ میں کیا کیا کہوں تجھے

کہہ لے گی سَب کچھ اُن کے ثناخواں کی خامشی
چُپ ہو رہا ہے کہہ کے میں کیا کیا کہوں تجھے

لیکن رضاؔ نے ختمِ سُخن اس پہ کر دیا
خالق کا بندہ خلق کا آقا کہوں تجھے

(حدائقِ بخشش، ص۱۷۵)

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه هڪ بي هنڌ تي فرمائن ٿا :

اے رضاؔ خود صاحبِ قرآں ہے مدّاحِ حُضُور
تجھ سے کب ممکن ہے پھر مدحت رسول اللہ کی

**شعر جي وضاحت:** اي رضا! جڏهن صاحبِ قرآن يعني خداءِ رحمن عَزَّوَجَلَّ پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعريف فرمائي آهي تہ پوء توهان کان ڪماحقہ ساراهہ ڪرڻ ڪيئن ممڪن آهي؟

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** الله عَزَّوَجَلَّ سمورن نبين ۽ رسولن عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ السَّلَام کي بي مثال خوبين، فضيلتن ۽ ڪمالات ۽ وڏي شان ۽ عظمت سان نوازيو آهي، حضرت سَيدُنا آدم عَلَيه السَّلَام کي صفي الله بڻايو، حضرت سَيدُنا نوح عَلَيه السَّلَام کي نَجي الله بڻايو، حضرت سَيدُنا ابراهيم عَلَيه السَّلَام کي خليلُ الله بڻايو، حضرت سَيدُنا اسماعيل عَلَيه السَّلَام کي ذبيحُ الله بڻايو، حضرت سَيدُنا موسيٰ عَلَيه السَّلَام کي

ڪليمُ الله بڻايو، حضرت سَيدُنا عيسيٰ عَلَيه السَّلَام کي رُوحُ الله بڻايو، الغرض هر هڪ نبي کي بي شُمار خوبين سان نوازيو ۽ اسان جي آقا، احمدِ مجتبيٰ، ٻارهين واري مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي نہ صرف خليل بلڪ پنهنجو حبيب بہ بڻايو جيئن تہ خود حضور پُرنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: بيشڪ الله تعاليٰ جهڙي طرح حضرت ابراهيم عَلَيه الصَّلٰوةُ السَّلَام کي پنهنجو خليل بڻايو، اهڙي طرح مون کي بہ پنهنجو خليل بڻايو آهي. (مسلم، كتاب المساجد،باب النهي عن بناء المساجد علي القبور ...الخ،ص ٢٧٠) هڪ ٻيو ارشادِ نبوي آهي: مان اللهعَزَّ وَجَلَّ جو حبيب آهيان ۽ هي فخريہ طور تي نٿو چوان. (ترمذي،كتاب المناقب،باب ماجاء في فضل النبي،٥/٣٥٢،حديث: ٣٦٣٦)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ممڪن آهي ڪنهن جي ذِهن ۾ هي سوال پيدا ٿئي تہ آخر خليل ۽ حبيب ۾ ڇا فرق آهي تہ اچو! هڪ ڪامل ولي جي زباني ٻڌون ٿا تہ خليل ۽ حبيب جي وچ ۾ ڇا فرق آهي، جيئن

اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه فتاويٰ رضويہ ۾ هنن ٻنهي جي وچ ۾ فرق بيان ڪندي فرمائن ٿا:

## خليل ۽ حبيب جو فرق

(1) حضرت ابراهيم عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام قيامت جي ڏينهن رُسوائي کان بچڻ جي دُعا گهري. (پ١٩، الشعراء :٨٧) جڏهن تہ الله تعاليٰ پاڻ پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ ان جي صدقي ان جي صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهم کي قيامت جي رُسوائي کان بچائڻ جي خوشخبري ٻُڌائي). (پ٢٨،التحريم:٨)

(2) حضرت ابراهيم عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام رَبّ تعاليٰ سان مُلاقات جي تمنا ڪئي. (پ٢٣، الصفت:٩٩) جڏهن تہ رَبّ تعاليٰ پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پاڻ سڏائي ملاقات جي شرف سان سرفراز فرمايو. (پ١٥،بني اسرائيل:١)

(3) حضرت ابراهيم عَلَيهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام هدايت جي آرزو ڪئي. (پ٢٣،الصفت:٩٩) ۽ حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان پاڻ اللّٰه تعاليٰ ارشاد فرمايو: ۽ توهان کي سڌي واٽ ڏيکاري ڇڏي. (پ٢٦، الفتح:٢)

(4) حضرت ابراهيم عَلَيهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام وٽ ملائڪ مُعزز مهمان بڻجي آيا. (پ٢٦، الذّٰريٰت:٢٤) ۽ حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ رَبّ تعاليٰ فرمايو: ملائڪ ان جا سپاهي بڻيا. (توبه:١٠،پ٤،آل عمران:١٢٥،پ٢٨،التحريم: ٤)

(5) حضرت ابراهيم عَلَيهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام پنهنجي اُمَّت جي مغفرت جي دُعا گهري. (پ١٣،ابراهيم:٤١) ۽ حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پاڻ اللّٰه تعاليٰ حڪم ڏنو تہ: پنهنجي اُمّت جي مغفرت گهرو. (پ٢٦، محمد:١٩)

(6) حضرت ابراهيم عَلَيهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام بعد وارن ۾ پنهنجو ذڪرِ جميل باقي رهڻ جي دعا ڪئي. (الشعراء: ٨٤) ۽ حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان پاڻ ربّ ڪريم عَزَّ وَجَلَّ ارشاد فرمايو: ۽ اسان توهان جي لاءِ توهان جو ذڪر بلند ڪري ڇڏيو. (پ٣٠،الم نشرح:٤)

(7) حضرت ابراهيم عَلَيهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جي واقعي ۾ رَبّ تعاليٰ فرمايو: انهن قومِ لُوط تان عذاب پري ڪرڻ ۾ نهايت ڪوشش ڪئي. (پ١٢،هود: ٧٤،٧٦-پ٢٠،عنڪبوت:٣٢) ۽ حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ربِّ غفّار عَزَّ وَجَلَّ ارشاد فرمايو: ان ڪافرن تي بہ عذاب نہ ڪندو جيستائين اي رحمتِ عالم توهان انهن ۾ تشريف فرما آهيو. (پ٩،انفال:٣٣)

(8) حضرت ابراهيم عَلَيهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام عرض ڪيو: اي اللّٰه! منهنجي دعا قبول فرما. (پ١٣، ابراهيم:٤٠) ۽ حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ ان جي محبّ وارن سان اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ ارشاد فرمايو: توهان جو رَبّ فرمائي ٿو مون کان گهرو مان قبول ڪندس. (پ٢٤، المؤمن: ٦٠) (فتاوي رضويه،١٨٢-١٧٨/٣٠،ملخصاً)

www.dawateislami.net

تُوہی انبیا کا سرور تُوہی دو جہاں کا یاور
تُوہی رہبرِ زمانہ مدنی مدینے والے
تُو خدا کے بعد بہتر ہے سبھی سے میرے سرور
تِرا ہاشمی گھرانا مدنی مدینے والے
تِری فرش پر حکومت تری عرش پر حکومت
تُو شہنشہِ زمانہ مدنی مدینے والے

(وسائلِ بخشش، ص۴۲۵)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! يقيناً پياري آقا، محمّد رَّسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شان ايتري قدر بُلند آهي جو سڄي مخلوق گڏجي ڪري به پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شان ۽ عظمت بيان نٿي ڪري سگهي.جڏهن به شانِ مُصطفيٰ بيان ڪيو ويندو آهي ته عاشقانِ رسول جي سِينن ۾ محبتِ مُصطَفٰي جا ڏيئا روشن ٿي ويندا آهن. پر ياد رکو! هي مَحَبَّت انهيءَ وقت ڪامل سمجهي ويندي، جڏهن اسان مَحَبَّت جي تقاضن کي به چڱي طرح پُورو ڪنداسين، مثال طور پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏوگڏ پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ارشاد، پاڻ جي اهلِ بيت، سندن صحابهِ ڪرام، سندن شهر ۽ پاڻ سان نسبت رکڻ واري هر هر شيءِ سان مَحَبَّت ۽ ان جي تعظيم و توقير ڪندا هونداسين.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! صحابهَ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوان جهڙي طرح سرورِ ڪونين، ناناءِ حسنين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان مَحَبَّت ڪندا هئا، اهڙي طرح پياري آقا ۽

موليٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نِسبت ۽ اوهان جو جُز هئڻ جي ڪري سيد سڳورن سان مَحبَّت ۽ انهن جي تَعظِيم ۽ تَوقِير بہ ڪندا هئا. تنهنڪري اسان کي بہ انهن جي نقشِ قدم تي هلندي سيد سڳورن جي تعظيم ۽ توقير ڪرڻ گهرجي ۽ انهن سان حُسنِ سُلُوڪ سان پيش اچڻ گهرجي، اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ جي حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: جيڪو منهنجي اَهلِ بيت مان ڪنهن سان چڱو سُلُوڪ ڪندو، مان قيامت جي ڏينهن ان جو صِلو ان کي عطا فرمائيندس.

(اَلْجَامِعُ الصَّغِير لِلسُّيوْطِي ص ٥٣٣ حديث ٨٨٢١ )

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ شيخِ طريقت،اميرِ اَهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه بہ سيد سڳورن جي بي حد تَعظِيم ڪندا ۽ انهن سان سهڻي نموني سان پيش اچن ٿا. مُلاقات وَقت جيڪڏهن اميرِ اَهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه کي ٻڌايو وڃي تہ هي سَيد صاحب آهن، تہ ڪيئي ڀيرا ڏٺو ويو آهي تہ اوهان نِهايت ئي عاجزي سان سَيد زادي جو هٿ چُمي وٺندا آهن. سيد سڳورن جي ٻارن سان انتهائي مَحبَّت ۽ شَفقَت ڪرڻ هي اوهان جو طُرّہ امتياز آهي. (تعارف امير اهلسنت،ص٦١)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح آلِ رسول جي تعظيم ۽ توقير ادا ڪرڻ مَحَبَّتِ رسول جي نشاني آهي، اهڙي طرح پياري آقا، مني مُصطفيٰ، ڪعبي جي بدرُ الدُّجيٰ، طيبہ جي شمسُ الضُّحيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوان جي شان ۽ عظمت، تعظيم ۽ توقير ۽ ان سان مَحَبَّت جي بغير مَحَبَّتِ رسول جي دعوي بيڪار آهي. ياد رکو! انبياء ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلوٰةُ والسَّلام جي بعد صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوان تمام انسانن ۾ سڀ کان وڌيڪ تعظيم ۽ توقير جا لائق آهن، هي اهي مُقدَّس ۽ مبارڪ هستيون آهن جنهن سَيدُ المُرسَلِين، جنابِ رَحمَةٌ لِّلعٰلمين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دعوت تي لبيڪ چيو،

www.dawateislami.net

دائرئي اسلام ۾ داخل ٿي تن مَن ڌن سان اسلام جي ابدي پيغام کي دنيا جي گوشي گوشي ۾ پهچائڻ جي لاءِ تيار رهي. ان مبارڪ هستين قرآن ۽حديث جي تعليمات کي عام ڪرڻ ۽ پرچمِ اسلام جي سرُبلندي جي لاءِ اهڙي بي مثال قُربانيون ڏنيون آهن جو اڄ جي دور ۾ جنهن جو تصور بہ مشڪل آهي. لهٰذا اسان کي گهرجي تہ ٻنهي جهان ۾ ڪاميابي جي لاءِ ان پاڪيزه هستين جي مَحَبَّت دل ۾ سجايون ۽ انهن جي نَقشِ قدم تي هلندي زندگي بسر ڪرڻ جي ڪوشش ڪيون. اچو! انهن جي مَحَبَّت دل ۾ وڌائڻ جي لاءِ انهن جي شان ۽عظمت جي باري ۾ ڪجهه فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا.

1. ”الله عَزَّ وَجَلَّ منهنجي صحابين کي نبين ۽ رسولن جي علاوه تمام جهانن تي فضيلت ڏني آهي.“ (مجمع الزوائد،كتاب المناقب، باب ماجاء في اصحاب رسول الله صلَّى الله عليه وسلّم،٩/٧٣٦،حديث:١٦٣٨٣)

2. هڪ شخص نبي ڪريم، رَءُوفٌ رَّحيم عَلَيه اَفْضَلُ الصَّلٰوةِوَالتَّسْلِيم کان پڇيو: ”اَیُّ النَّاسِ خَيْرٌ“ ڪهڙا ماڻهو بهتر آهن؟ ارشاد فرمايو: "اَلْقَرْنُ الَّذِی اَنَا فِيهِ ثُمَّ الثَّانِی ثُمَّ الثَّالِثُ" يعني بهتر ماڻهو ان زماني جا آهن جنهن ۾ مان آهيان، ان کان بعد ٻئي زماني جا ۽ ان کان بعد ٽي زماني جا. (مسلم ،كتاب فضائل الصحابه ،باب فضل الصحابه ثم الذين يلونهم ـــــــالخ، ص ١٣٧١،حديث:٢٥٣٣)

3. لاتَمَسُّ النَّارُ مُسْلِماً رَاٰنِی اَوْرَاٰی مَنْ رَاٰنِی" يعني ان مسلمان کي جهنم جي باهہ نہ مس نہ ٿيندي جنهن منهنجي يا منهنجي صحابي جي زيارت جو شرف حاصل ڪيو هجي.(ترمذي باب ماجاء في نبي صلي الله عليه وسلم وصحبه،٥/٤٦١، حديث:٣٨٨٤)

لهٰذا هر مسلمان کي گهرجي تہ صحابہَ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوان جي دل سان تعظيم ڪري ۽ انهن جي مَحَبَّت کي هميشہ هميشہ پنهنجي ۽ پنهنجي نسلن جي دلين ۾ قائم رکي. انهن جي مَحَبَّت نبي ڪريم، رَءُوف رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي

www.dawateislami.net

محبت آهي. الله عَزَّ وَجَلَّ اسان کي بُرن ماڻهن جي صُحبت کان بچائي ۽ هنن مُبارڪ هستين جي مَحَبَّت اسان جي دلين ۾ قائم رکي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اہلِ سُنت کا ہے بیڑا پار اصحابِ حُضُور
نجم ہے اور ناؤ ہے عترت رسولُ اللہ کی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اهڙيءَ طرح صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوان ۽ آلِ رسول جي تعظيم ۽ توقير ۽ انهن سان مَحَبَّت عشقِ رسول جون نشانيون آهن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عام طور جيڪو سچو عاشق هوندو آهي ان کي تہ پنهنجي محبوب جي شهر، شهر جي گهٽين محلن، بازارن هر هڪ شيءِ سان مَحَبَّت هوندي آهي، محبوب سان نسبت جي سبب ان جو شهر ادب واحترام ۽ تعظيم جو مقام ﭬجي ويندو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ اسان بہ پياري آقا، مٺي مصطفيٰ، محمد رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان مَحَبَّت ڪيون ٿا، تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان مَحَبَّت جي تقاضا هي آهي تہ اوهان جي مبارڪ شهر مڪ مڪرّمہ ۽ مدينہ طيبہ سان بہ سچي مَحَبَّت هئڻ گهرجي ۽ ان جو ادب واحترام بہ اسان جي دلين ۾ قائم رهڻ گهرجي.

حرم کی زمیں اور قدم رکھ کے چلنا
ارے سر کا موقع ہے او جانے والے

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نبي اڪرم، نُورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان مَحَبَّت جي هڪ نشاني هي بہ آهي تہ اسان پنهنجي پياري نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنَّتن تي مضبوطي سان عمل ڪندڙ ٿيون ۽ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري سُنَّتن تي عمل ڪرڻ جي ذريعي خوب عام ڪيون، ڇوتہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طريقن تي عمل ڪرڻ ئي اسان لاءِ درجات جي ترقي جو رستو آهي جيئن تہ سيپاري 21 سُوْرَۃُ الاَحزاب جي آيت نمبر 21 ۾ ارشادِ خداوندي آهي:

لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ توهان کي رسول الله جي پيروي بهترآهي

حضرتِ صَدرُ الافاضِل سيد محمد نعيم الدّين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه ’’خَزائنُ العرفان‘‘ ۾ هن آيت جي تحت فرمائن ٿا: انهن جي سٺي نموني اتباع ڪيو ۽ دينِ الٰهي جي مدد ڪيو ۽ رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ساٿ نہ ڇڏيو ۽ مصيبتن تي صبر ڪيو ۽ رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنَّتن تي هلو هي بهتر آهي. (خزائن العرفان، پ۲۱، الاحزاب: ۲۱،ص۷۷۲)

حضرت سيدنا اَنَس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه فرمائن ٿا: مونکي رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اي منهنجا پٽ! جيڪڏهن تون هي ڪري سگهين ٿو جو هن حال ۾ صبح ۽ شام ڪر جو تنهنجي دل ۾ ڪنهن جي بد خواهي (ڪينو) نہ هجي تہ ائين ئي ڪر. پوءِ فرمايائون: اي منهنجا پٽ! هي منهنجي سنّت آهي ۽ جيڪو منهنجي سنّت سان محبت ڪندو هو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكوٰة المصابيح، كتاب الايمان، باب الاعتصام بالكتاب و السنة، الفصل الثاني، ۱/۵۵، حديث:۱۷۵)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنّتن تي عمل ڪرڻ اسان لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ بهتري جو سبب آهي. مسواڪ اسان

www.dawateislami.net

جي پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نهايت ئي پياري سُنَّت آهي. اسان جا اَسلاف ۽بزرگ هن سُنَّت سان ڪيتري قدر مَحَبَّت ڪندا هئا، اچو! هن باري ۾ هڪ حڪايت ٻڌون ٿا، جيئن

حضرتِ سيدُنا عبد الوهاب شَعراني رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه نقل ڪن ٿا: هڪ ڀيري حضرت سيّدنا ابوبڪر شِبلي بغدادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِی کي وضو جي وقت مِسواڪ جي ضرورت ٿي، ڳورڻائون پر نہ مليِ، لهٰذا هڪ دينار (يعني سون جي هڪ اشرفي) ۾ مسواڪ خريد ڪري استعمال فرمائي، ڪجھ ماڻھن چيو: هي تہ اوهان گهڻو خرچ ڪري وڌو! ايتري مهانگي مسواڪ بہ ورتي ويندي آهي؟ فرمايائون: بيشڪ هي دنيا ۽ ان جون تمام شيون اللّٰه عَزَّوَجَلَّ وٽ مڇر جي پر برابر بہ حثيت نٿون رکن، جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ مون کان هي پڇا ڪري ورتي تہ ڇا جواب ڏيندس تہ تو منهنجي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنت (مسواڪ) کي ڇو ترڪ ڪيو؟ جيڪو مال ۽ دولت مون تون کي ڏنو هو ان جي حقيقت تہ (مون وٽ) مڇر جي پر برابر بہ نہ هئي، تہ آخر اهڙي حقير دولت کي ان عظيم سنت (مسواڪ) کي حاصل ڪرڻ لاءِ خرچ ڇو نہ ڪيئي؟" (مُلَخَّص ازلوا قح الانوار ص ٣٨)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اوهان ڏٺو؟ اسان جا اَسلاف سُنّتن سان ڪيترو پيار ڪندا هئا؟ حضرتِ سيدنا ابوبڪر شبلي (رَحْمَةُ اللّٰه تَعَالٰي عَلَيه) هڪ دِينار(يعني سون جي اشرفي) پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنّت مِسواڪ تي قُربان ڪري ڇڏي ۽ هاءِ! اڄ اسان پنهنجي پاڻ کي جيتوڻيڪ وڏي ڪان وڏو عاشقِ رسول سڏايون، پر حال هي آهي جو اِنن آنن جي مِسواڪ بہ اسان ڪان نٿي خريدجي. اچو ! مسواڪ جي اهميت وفضيلت تي مشتمل 3 فرامينِ مصطفي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا:

(1) مِسواڪ جو استعمال پنهنجي لاءِ لازم ڪيو ڇوتہ هن ۾ وات جي

www.dawateislami.net

پاڪيزگي ۽ الله عَزَّ وَجَلَّ جي خوشنودي آهي. (مسنداحمد،ج۲،ص۴۳۸،حديث۵۸٦۹) (2) مِسواڪ ۾ موت کان سواءِ هر مرض جي شِفاءِ آهي. (جامع صغير، ص۲۹۷،حديث۴۸۴۰) (3) ٻه رَڪعت مِسواڪ ڪري پڙهڻ بغير مِسواڪ جي 70 رَڪعتن کان اَفضل آهي. (اَلتَّرغِيب وَالتَّرهِيب ج۱ ص۱۰۲ حديث۱۸)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو! شيخ طريقت ، اميرِ اهلسُنَّت** دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه **جي رِسالي ”163 مَدَني گل“ مان مِسواڪ بابت مَدَني گل ٻڌون ٿا.**

ڀهرين ۾ **فرامين مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ فرمايو: ۞ ٻه رڪعتون مسواڪ (يعني ڏندڻ) ڪري پڙهڻ بغير مِسواڪ جي 70 رڪعتن کان افضل آهن.[3] ◈ مِسواڪ جو استعمال پاڻ تي لازم ڪري ڇڏيو ڇو تہ هي وات جي صفائي ۽ ربّ تعاليٰ جي رضا جو سبب آهي[4]

◈ **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري **مکتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ جلد پهريون صفحي 288 تي صدرُالشّريعہ، بدرُالطريقہ، حضرت علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي عَلَيه رَحمَةُ الله الْقَوِى لکن ٿا، مشائخ ڪرام فرمائن ٿا: جيڪو شخص مسواڪ جو عادي هجي تہ مرڻ وقت ان کي ڪلمو نصيب ٿيندو، ۽ جيڪو آفيم کائيندو هجي ان کي ڪلمو نصيب نہ ٿيندو ◈ حضرت سيدنا ابن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ مسواڪ ۾ ڏهہ خوبيون آهن: وات کي صاف ڪري ٿي، مسوڙن کي مضبوط ڪري ٿي، نظر تيز ڪري ٿي، بلغم ختم ڪري ٿي، وات جي بدبو ختم ڪري ٿي، سنت جي موافق آهي، فرشتا خوش ٿين ٿا، ربّ عَزَّوَجَلَّ راضي ٿئي ٿو، نيڪي وڌائيندي ۽ معدي کي درست ڪندي

---

3... اَلتَّرغِيب وَالتَّرہِيب، ۱/۱۰۲، حديث:۱۸

4... مُسندِ اِمام احمد بن حنبل ج۲ ص۴۳۸حديث ۵۸٦۹

www.dawateislami.net

آهي. (جَمْعُ الْجَوامِع لِلسُّيوطي ج٥ ص٢٣٩حديث ١٤٨٦٧) ◈ سيّدنا امام شافعي عَلَيْهِ رَحمَةُ اللهِ الْقَوِي فرمائن ٿا: چار شيون عقل وڌائيندڙيون آهن: فضول ڳالهين کان پرهيز، مسواڪ جو استعمال، نيڪ ماڻهن جي صحبت، پنهنجي علم تي عمل ڪرڻ[5] ◈ مسواڪ ڪِڻ يا زيتون يا نم وغيره جي ڪَوڙي ڪاٺي هجي، مسواڪ جي ٿولهه چيچ جي برابر هجي ◈ ڏندڻ جڏهن استعمال جي قابل نه رهي ته اڇلايو نه، جو هي سنّت ادا ڪرڻ جو ذريعو آهي، ڪنهن جڳهه تي احتياط سان رکي ڇڏيو يا دفن ڪري ڇڏيو يا سمنڊ ۾ وجهي ڇڏيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ٻارهين تاريخ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ ٻارهين رات آهي ۽ انهيءَ نسبت سان 12 جي عدد سان اسان کي پيار آهي.شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمدالياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه پنهنجي نعتيه ديوان ”وسائلِ بخشش“ ۾ فرمائن ٿا:

کیوں بارہویں پہ ہے سبھی کو پیار آگیا
آیا اسی دن احمدِ مختار آگیا

گھر آمنہ کے سیّدِ ابرار آگیا
خوشیاں مناؤ غمزدو غمخوار آگیا

برسیں گھٹائیں رحمتوں کی جُھوم جُھوم کر
رحمت سراپا جب مرا سردار آگیا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

5... اِحياء الْعُلوم ج ٣ص٢٧

www.dawateislami.net

انهيءَ ٻارهين تاريخ جي پياري پياري نسبت سان دعوتِ اسلامي جي گهڻ مان گهڻ 12 هفتيوار سُنّتن ڀرين اجتماعن ۾ اوّل تا آخر يعني تلاوت، نعت، بيان، ذڪر، دُعا، رات اعتڪاف، بعدِ فجر مدني حلقي ۽ اشراق چاشت تائين شرڪت ۽ پاڻ سان گڏ انفرادي ڪوشش ڪري گهڻ مان گهڻ ٻه ٻه اسلامي ڀائر گڏ آڻڻ جي نيت ڪيو. هن ارادي سان هٿ کڻي زور سان چئو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ..12هفتيوار مدني مذاڪرن ۾ به شرڪت جي نيت فرمايو.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** پياري آقا، سيدالانبياءصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادتِ باسعادت جي خوشي ۾ ربيع الاوّل ۾ بلڪ ٿي سگهي ته هٿوهٿ 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪري وٺو.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اوهان به دعوتِ اسلامي جي هن پياري پياري مدني ماحول سان هر دم وابسته رهو، اڄ جي هن مبارڪ رات جي عظيم گهڙين ۾ عاشقانِ رسول جي صحبت حاصل ڪندي نيڪ عملن جون سنيون سنيون نيتون ڪري وٺو، فرض علم سکڻ، مدني انعامات جو روزانه فڪرِ مدينه ڪرڻ ۽ مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ جون نيتون ڪري وٺو.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اچو! ميلادِ مُصطفي جي ڪجهه حَسِين گهڙين جو ذِڪر ٻڌون ٿا، ته جڏهن منهنجي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دنيا ۾ تشريف آوري ٿي، تاريخ ڇا هئي؟ ڏينهن ڇا هو؟ ڪهڙيون حالتون هيون؟ اچو ٻڌوءِ ايمان تازو ڪيو.

ربيع الاوّل جي 12 تاريخ ۽ ڏينهن دو شنبه يعني سومر آهي، حضرتِ سيدنا عبدالمطلب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه، پياري نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري ڏاڏا سائين حرم شريف ۾ اچي ويا آهن، حضرتِ آمنه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا گهر ۾ اڪيليون آهن، چوته سسُ ۽ مڙس اڳ ۾ گذاري چڪا هئا، سُهرو خانه ڪعبه جو طواف ڪرڻ ۾ مشغول آهن، خيال هو ته ڪاش! هن وقت خاندانِ عبدِ مناف جون ڪجهه عورتون مون

www.dawateislami.net

وٺ هجن ها، اوچتو چا ڏسن ٿيون ته نهايت خوبصورت ۽ سهڻين عورتن سان گهر ڀرجي ويو . پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْها انهن کان پڇيو: ”بيبيو! توها ڪير آهيو؟ ڪٿان کان آيون آهيو؟ ۽ ڇو آيون آهيو؟“ اُنهن مان هڪ چيائين،” مان اُمُّ البشر تمام انسانن جي ماء، آدم جي گهرواريء، حوّا آهيان“ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْها ، ٻي چيائين،” مان فرعون جي گهرواريء آسيہ آهيان“رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْها ۽ ٽي چيائين،”مان عيسيٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیہ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي والده مريم آهيان رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْها ۽ باقي تمام عورتون جنت جون حورون آهن، اڄ ڪونين جي گهوٽ، عالمين جي داتا، فقيرن جي ملجا ۽ ماوٰي محمد رسولُ الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي آمد آمد آهي، سندن استقبال ۽ اوهان جي خدمت جي لاءِ اسان آيون آهيون. اي آمنہ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْها ! دروازي کان ٻاهر نگاهہ وجهو چئني پاسي تاحدِ نگاهہ ملائڪن جا ميلا آهن، گهر ۾ حُورون در تي ملائڪ آهن، جنهن جون قطارون آسمان تائين آهن“.حاضرين ۾ ڪجهہ اهڙي طرح ساراهہ ٿي رهي آهي.

(مجموع لطيف انسيي في صيغ المولدالنبوي القدسي،ص۲۹۲،ملخصاً)

آئی نِدا کہ آمنہ جاگے تیرے نصیب — آئیں گے تیری گودی میں اللہ کے حبیب
کہا حوروں نے یہ محبوبِ ربُّ العالمیں ہوں گے — فرشتوں نے کہا سرکار ختم المرسلیں ہوں گے
زمیں بولی کہ یہ اسرارِ قدرت کے امیں ہوں گے — فلک بولا کہ ان کے بعد پیمبر نہیں ہوں گے

پياري نبي، مٺي نبي، سٺي نبي، سچي نبي، آمنہ جي اکين جا تارا نبي، دائي حليمہ ج ڏلارا نبي، بي سهارن جا سهاراي نبي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ختنہ شده، ناف بريده(دن وڍيل، سُرمگينا کين(اکين ۾ سرمو پاتل) سان تشريف فرما ٿيا. هر قسم جي آلائش کان پاڪ بلڪ آلائشن کان پاڪ ڪرڻ جي لاءِ تشريف وني آيا. غيب مان آواز اچڻ لڳي ربِّ ڪعبہ (عَزَّ وَجَلَّ) جي قسم! ڪعبي کي عزت ملي وئي . هوشيار ٿيو جو ڪعبي کي ان جو قبلو ۽ مسڪن قرار ڏنو ويو.

محبوبِ ربِّ العزت، مصطفي جانِ رحمت، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دنيا ۾ تشريف آڻيندي ئي ربّ عَزَّ وَجَلَّ جي بارگاهه ۾ سجدو ڪيو. مبارڪ اڱريون آسمان ڏانهن ڪنيل هيون. جنّتي ڳلن ڪان وڌيڪ حسين چَپ حرڪت ڪري رهيا ها ۽ آواز آيو پئي: رَبِّ هَبْ لِيْ اُمَّتِيْ ، رَبِّ هَبْ لِيْ اُمَّتِيْ ، رَبِّ هَبْ لِيْ اُمَّتِيْ، ولادتِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي موقعي تي 3 جهنڊا نصب ڪيا ويا، هڪ اوڀر ۾، هڪ اولهه ۾ ۽ هڪ خانہ ڪعبہ جي ڇت تي.

حضرتِ سيدتنا آمنہرَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهَا فرمائن ٿيون، وِلادتِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وقت اهڙو نور چمڪيو جو اولهه ۽ اوڀر روشن ٿي ويا ۽ مون مڪي مان شام جا محلات واضح طور تي ڏسي ورتا.

آمِنہ تجھ کو مبارک شاہ کا میلاد ہو

تیرا آنگن نور، تیرا گھر کا گھر سب نور ہے

اِس طرف جو نور ہے تو اُس طرف بھی نور ہے

ذرّہ ذرّہ سب جہاں کا نُور سے معمور ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّ وَجَلَّ جي حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دنيا ۾ تشريف فرما ٿيندي ئي سجدو فرمايو، ڪاش! اُن سجدي جي صدقي ۾ اسان کي سجدن جي توفيق نصيب ٿئي ۽ اسان پنج ئي نمازون مسجد ۾ تڪبيرِ اوليٰ سان پهرين صف ۾ پڙهڻ جا عادي بڻجي وڃون. ياد رکو! هر مسلمان مرد ۽ عورت تي پنج وقت جي نماز فرض آهي.نماز جي فرضيت جو انڪار ڪرڻ وارو ڪافر آهي، چاهي ان جو نالو ۽ پيا ڪم مسلمانن وارا هجن.جيڪو بد

www.dawateislami.net

نصيب هڪ وقت جي نماز بہ ڇاڻي واٽي قضا ڪندو آهي ان جو نالو جهنم جي دروازي تي لکيو ويندو آهي.

روحُ الامیں نے گاڑا کعبے کی چھت پہ جھنڈا
تاعرش اُڑا پھریرا صبحِ شبِ ولادت

اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ! اسان بہ پنهنجي هٿن ۾ ۽ پنهنجي سوارين تي فيضانِ گنبدِ خضريٰ ۽ فيضانِ گنبدِ غوث ۽ رضا سان مالا مال مدني پرچم ڪٽيۓ امیرِ اهلسنّت جي عطا ڪيل مدني گلن (مڪتوب) جي مطابق جلوسِ ميلاد ۾ شرڪت ڪنداسين. زور سان چئو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ 12 ربيع الاول يعني اڄ جو روزو بہ رکنداسين چوتہ اسان جا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر سومر تي روزو رکندا ها ۽ جڏهن بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ سومر جي روزي جي باري ۾ پڇيو ويو تہ ارشاد فرمايو ”انهيۓ ڏينهن منهنجي ولادت ٿي ۽ انهيۓ ڏينهن مون تي پهرين وحي نازل ٿي“.تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان بہ اڄ روزو رکنداسين. هٿ ڪٽي زور سان چئو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net